# ابتدائی سیاسی تعلیم

جواہر لال نہرو



# ابتدائي سياسي تعليم

(نهروءَ جا اندرا ڏانهن خط)

# ابتدائي سياسي تعليم

(نهروءَ جا اندرا ڏانهن خط)

جواهر لال نهرو

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
١٩٨٧ع

ڇپائيندڙ : ادارو

ڇاپيندڙ : ايم - خان پرنٽنگ پريس
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

سال : ١٩٨٧ع

قيمت : ١٤-٠٠ روپيا

اندرا گاندهي

جي

نالي

جواهر لال نهرو

# فهرست


ٻه اکر — اندرا گانڌي — ٩
پهرين ڇاپي لاءِ پيش لفظ — جواهر لال نهرو — ١١
ٻئي ڇاپي لاءِ پيش لفظ — جواهر لال نهرو — ١٣
٢— قدرت جو ڪتاب — ١٧
٣— ڌرتي جو ٺهڻ — ٢١
٤— پهريون ساهواريون شيون — ٢٤
٥— جانورن جو پيدا ٿيڻ — ٢٨
٦— انسان جو اچڻ — ٣٢
٧— شروعاتي انسان — ٣٦
٨— جهوني ۽ نئين پٿري جڳهه جا ماڻهو — ٣٩
٩— جدا جدا ٻوليون ڪيئن ٺهيون — ٤٤
١٠— جدا جدا قومون ڪيئن ٺهيون — ٤٨
١١— ٻولين جو پاڻ ۾ لاڳاپو — ٥٢
١٢— سڀيتا ڇا کي ٿو چئجي — ٥٥
١٣— جماعت جو ٺهڻ — ٥٨
١٤— ڌرم جي شروعات — ٦٢
١٥— پورهئي جي ورڇ — ٦٤

| | |
|---|---|
| ١٦- پوک ۽ ان جا نتيجا | ٦٦ |
| ١٧- مکي ڪيئن ٿيو | ٧٢ |
| ١٨- مکي جو راجا ٿيڻ | ٧٧ |
| ١٩- پراچين سڀيتا | ٧٩ |
| ٢٠- ايجپٽ ۽ ڪريٽ | ٨١ |
| ٢١- هندوستان ۽ چائنا | ٨٣ |
| ٢٢- درياهي مسافرن جو واپار | ٨٧ |
| ٢٣- انگن، اکرن ۽ ٻوليءَ جو جنم | ٩٢ |
| ٢٤- انسان ذات جا فرقا | ٩٥ |
| ٢٥- مندر ۾ مهنت | ٩٧ |
| ٢٦- آريا قوم جو هندستان ۾ اچڻ | ١٠١ |
| ٢٧- آريا ڪير هئا؟ | ١٠٤ |
| ٢٨- رمائڻ ۽ مهاڀارت | ١٠٩ |
| ٢٩- سرسري نظر | ١١٢ |

٣

پرائيم منسٽر هائوس
نئين دهلي

گهڻا ڀار پنهنجي زندگيءَ جو محور پنهنجن مائٽن کي بڻائيندا آهن، پر سمورا مائٽ اهڙا بهترين ساٿي ڪونہ هوندا آهن جهڙا منهنجا مائٽ هئا. منهنجو پيءُ هرهڪ شيءِ ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ آن ۾ پنهنجو حصو سرگرميءَ ۽ شوق سان ادا ڪري خوشي محسوس ڪندو هو. منهنجي ذهن ۾ تمام گهڻا سوال هوندا هئا ۽ انهيءَ ڳالهہ بابا کي وڏيڪ شوق ڏياريو تہ جيئن هو مون کي دنيا ۽ مرد ۽ عورت جي باري ۾ ٻڌائي جيڪي ان ۾ رهيا ورسيا ٿي ۽ جن پنهنجي نظرين، ڪارنامن، ادب ۽ فن ذريعي ٻين ماڻهن ۾ تحرڪ ٿي پيدا ڪيو. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن کي اسان جي حيرت انگيز ملڪ بابت، آن جي اوائلي مهمن ۽ عظمت ۽ سندس آخري زوال ۽ غلاميءَ بابت ٻڌائڻ ڏاڍو وڻندو هو. هڪڙو خيال، جيڪو سندس ذهن ۾ سدائين آتم هوندو هو، سو هو آزاديءَ جو خيال — آزادي نہ فقط ڀارت جي پر سڄي دنيا جي ماڻهن جي آزادي.
هن ڪتاب ۾ شامل خط مون کي تڏهن لکيا ويا

هئا جڏهن آءٌ مشڪل سان اٺن يا نون سالن جي هيس.
هنن خطن ۾ ڌرتيءَ جي شروعات ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجي
خود آگاهيءَ بابت ڪافي ڄاڻ موجود آهي. هي
خط محض خط ڪونهن جن کي پڙهي ۽ ڪنڌ پاسي
۾ ڦٽو ڪري ڇڏجي. انهن خطن جي ڪري نوان
آسرا ۽ اميدون پيدا ٿيون، ماڻهن ۾ واسطي ۽ لاڳاپي
جو احساس جاڳيو ۽ سموري دنيا اندر سندس دلچسپيون
وڌيون. انهن خطن مان اسانکي اها خبر پوي ٿي ته
اسان فطرت کي هڪ ڪتاب ڪري سمجهون. مون
پٿرن، وڻن ٻوٽن، جيتن جي زندگيءَ ۽ رات جو تارن
کي پڙهڻ ۽ پرکڻ ۾، ۽ ڳوڙهي مطالعي ۾ ڪلاڪن
جا ڪلاڪ لڳايا.

هي خط اڳ ۾ به ڪيترين ئي ٻولين ۾ ڪتابي
شڪل ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پر مون کي يقين آهي
ته هي وڻندڙ ايڊيشن ٻارڙن کي (نوڙي وڏن کي) ڏاڍو
متاثر ڪندي ۽ انهن لاءِ ڄاڻ جا نوان باب کوليندي،
جيئن اصلي خطن منهنجي لاءِ ڄاڻ جو اڻ-ميو خزانو
مهيا ڪيو هو.

اندرا گانڌي

نومبر ١-١٩٧٣

# پيش لفظ

هي خط منهنجي ڌيءَ اندرا کي ١٩٢٨ع جي اونهاري جي موسم ۾ لکيا ويا هئا، جڏهن هوءَ هماليه جبلن جي ميسور شهر ۾ رهندي هئي ۽ آءٌ هيٺ ميدانن ۾ رهندو هوس. هي خط بلڪل ذاتي خط هئا، جيڪي هڪڙي ڏهن سالن جي معصوم ڇوڪري کي لکيل هئا. پر دوستن؛ جن جي صلاح مشوري کي آءٌ تمام گهڻي اهميت ڏيندو آهيان، انهن خطن ۾ ڪي گڻ ڇڳايون ڏٺيون، ۽ تجويز ڏنائون ته آءٌ انهن خطن کي پڙهندڙن جي هڪ وسيع حلقي اڳيان پيش ڪريان. مون کي خبر ناهي ته ٻيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون انهن کي پسند ڪنديون يا نه. پر مون کي اميد آهي ته انهن مان اهڙا جيڪي هي خط پڙهندا سي ڏاڪي به ڏاڪي اسانجي هن دنيا کي قومن جو هڪ وڏو ڪٽنب سمجهڻ لڳندا. ۽ مون کي اها به اميد آهي، جيتوڻيڪ ايتري ڪا ڪانه اثر، ته انهن کي هنن خطن پڙهڻ مهل آن خوشيءَ جو ڪجهه حصو محسوس ٿيندو، جيڪا مون خطن لکڻ مهل محسوس ڪئي هئي.

خطن جو سلسلو اوچتو پڄاڻيءَ تي پهچي ويو ٿو. چاڪاڻ تہ اونهاري جو ڊگهو عرصو بہ ختم ٿي چڪو هو ۽ اندرا کي بہ جبلن تان موٽي هيٺ اچڻو هو، ۽ چاڪاڻ تہ ١٩٢٩ع ۾ اندرا لاءِ ميسور يا ڪا ٻي هل - اسٽيشن موجود ڪانہ هئي تنهنڪري اهو سلسلو بند ڪرڻو پيو. آخري ٽن خطن سان هڪ نئين دؤر جي شروعات ٿي ٿئي ۽ آهي البت پنهنجي جڳهہ ڪان پر پورا ٿا لڳن پر پوءِ بہ مون انهن کي هن مجموعي ۾ شامل ڪيو آهي.

آءٌ ميان ٿو تہ هي خط انگريزيءَ ۾ لکيل آهن تنهن ڪري سندن پسنديدگيءَ جو دائرو محدود آهي. اُن سموري ڪوتاهيءَ جو ذميوار آءٌ آهيان، جنهن جو ازالو آءٌ فقط ترجمو ڪري ڏي پيش ڪري سگهان ٿو.

الهہ آباد
نومبر ١٩٢٩ع

جواهر لال نهرو

# ٻئي ڇاپي جو مهاڳ

پڙهندڙن جي وسيع حلقي جي اڳيان هنن خطن کي آڻڻ جي فيصلي ڪرڻ کان اڳ، آءٌ گهڻو ٻڏتر ۾ هوس، ڇاڪاڻ تہ بنيادي طرح اهي انهيءَ مقصد لاءِ ڪونہ لکيا ويا هئا. پر مهربان پريس ۽ عوام جنهن انداز ۾ انهن جي آجيان ڪئي تنهن منهنجي همت وڌائي ۽ منهنجا وسوسا، انديشا ۽ خوفُ ويندو رهيو. پهريون ڇاپو ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو آهي، ايتريقدر جو خطن، جي ليکڪ وٽ سندس پنهنجي ڪاپي بہ موجود ڪانهي، تنهن ڪري ٻيو ڇاپو پڌرو ڪيو ويو آهي، ڪن معمولي چُڪن کي درست ڪيو ويو آهي نہ تہ گهڻو ڪري ٻي ڪابہ تبديلي ڪانہ ڪئي ويئي آهي.

هن مختصر ڪتاب جي جنهن نموني ۾ شاندار آجيان ڪئي ويئي، تنهن مون ۾ همت پيدا ڪئي ۽ مون سوچيو تہ هنن خطن ۾ واڌارو ڪجي. پر هڪ حاسد ۽ سورک گهر ڏياڻيءَ جي انگلن مون کي ايتري فرصت ئي ڪانہ ٿي ڏني جو آءٌ ٻين معاملن ڏانهن توجهہ ڏيئي سگهان.

گذريل سال جڏهن آءٌ Naini جيل وٽس تڏهن هڪ

پيرو وري خيالن کر موڙيا ۽ آئي وقت جي ته ڪوٽ هئي ڪانه! پر جيل وارا ڪي گهٽا ڪونهن ۽ نه ڪوئي جيل اختياري وارن مطالعي لاءِ ڪتاب ٿي مهيا ڪيا. ۽ سڀ کان وڌيڪ ته منهنجي اها دلي تمنا هئي ته آءٌ هندوستان ۾ ٿيندڙ روز بروز واقعن جي هوبهو تاريخ لکان بجاءِ پراڻن واقعن دهرائڻ جي. آءٌ جيل مان ٻاهر آيس پر هڪ هفتي جي مختصر غير حاضري ڪانپوءِ وري ٻه جيل ۾ آيس ۽ وري ٻه مهينا گذري ويا، هن سال جي جنوريءَ جي پهرين تاريخ تي مون ٻهر حال طئي ڪيو ته خطن جو سلسلو وري شروع ڪجي. ان سلسلي ۾ مون ٿورو ڪم ڪي اڳتي به وڌايو پر تمام جلد، يعني جنوري جي ٢٦ تاريخ تي مون کي جيل مان خارج ڪيو ويو. گهرو پريشانين ۽ عوام جي مسئلن جي پيڙ مون کي اهڙو ته سوگهو جهليو جو هتان اچيو هوڏانهن وڃان ۽ هتان اچيو هيڏانهن وڃان، ۽ نيٺ مون کي جيل جي خاموش ۽ سانتيڪي ماحول جي حاصلات لاءِ جيل وڃڻ جو انتظار ڪرڻو پيو نه جيئن آءٌ هي ڪم ٻيهر جاري رکي سگهان.

انهيءَ دوران، اندرا جو عقل ۽ شعور ٻڻ وڌيو پئي ۽ تنهن ڪري آءٌ گهڻو وقت ذهني طرح ساڻس قدم ملائي هلي نٿي سگهيس.

الهه آباد
آڪٽوبر ١٩٣١ع

جواهر لعل نهرو

# ابتدائي سياسي تعليم

جواهر لال نهرو

# قدرت جو ڪتاب

پياري اندرا،

تون ۽ مان جڏهين گڏ هوندا آهيون تڏهين تون سدائين مون کان ڪيترين ڳالهين بابت پيئي سوال پڇندي آهين ۽ مان به ڪوشش ڪري توکي انهن جا جواب ڏيندو آهيان. پر هينئر ته ٻئي هڪ ٻئي کان جدا آهيون؛ تون مسوريءَ ۾ ته مان الهه آباد ۾. تنهن ڪري مان توکي خطن دوران ڌرتيءَ ۽ سندس ملڪن بابت ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ٻڌائيندس. تو انگلينڊ ۽ هندستان جي ٿوري گهڻي تاريخ پڙهي هوندي. انگلينڊ ته ڌرتيءَ جو فقط هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي. پر اسان جو هيڏو وڏو هندستان به ڌرتيءَ جو ته فقط هڪ ننڍڙو ڀاڱو اٿيئي. تنهن ڪري جي اسين پنهنجي ساريءَ دنيا جي آکاڻي ٻڌڻ چاهيون ته اسان کي سڀني ملڪن ۽ قومن کي پنهنجي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ نه فقط انهي ڏي ننڍڙي ملڪ کي جنهن ۾ ڄاوا نپنيا هجون.

هن خط ۾ ته مان توکي فقط ٿورو احوال ٻڌائيندس. پر اميد ته اهو ٿوروئي احوال توکي سڀني ملڪن سان پاڻ ڳنڍڻ ۽ سڀني قومن کي ڀائپيءَ جي نگاهه سان

چوي ٿو ته، ڪنهن زماني ۾ مان ڪنهن ٽڪر جو ٽُڪر هوس. جنهن ۾ گهڻيئي کَڏون کوٻا ۽ کنڊون کرڇون هيون. مان هڪ جبل جي لاهه تي پيو هوس، پوءِ آيو جو مينهن جو وسڪارو تنهن کڻي وڃي مون کي هڪ چشمي ۾ اڇليو، جتان وري چشمي جي ڇولين مون کي پنهنجي وهڪري سان کڻي وڃي نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو. هاڻي نديءَ جي وهڪرن ۽ ڇولين ۾ ڏوٻي ڏوٻي ۽ گهڙجي هڪ سنڌر ۽ لسو پٿر ٿي پيو آهيان. قسمت سارو ندي هتي مون کي ڇڏي پاڻ هلي ويئي آهي جنهن ڪري تون مون کي پٿر جي صورت ۾ ٿي ڏسين. پر جي ندي اڃان به پاڻ سان کڻيندي وڃيم ها ته، شايد پڇي پري وڃي ريتيءَ ۽ واريءَ جو داڻو ٿيان ها ۽ پنهنجي ڀين ڀائرن سان وڃي ان واريءَ جي بندر ۾ شامل ٿيان ها جتي ڏهين سيئي ٻار اچي راند روند ڪندا آهيو. هاڻي ڏس جي هڪ ننڍڙي پٿر تو کي هيڏي پنهنجي آکاڻي ٻڌائي ته ٻيا هيترا قدرت جا نظارا جيڪر ڪيترين نه ڳالهيون ٻڌائينين! ـــ وڌيڪ ٻي ڏينهن.

# ڌرتي جو ٺهڻ

پياري اندرا؛

توکي خبر آهي ته ڌرتي سج جي چوڌاري ڦيٿي ڦري ٿي ۽ چندرما وري ڌرتيءَ جي چوگرد. چون ٿا ته ٻيون به اهڙيون گهڻيئي ڌرتيون آهن جي اسان جي ڌرتيءَ وانگر سج جي چوگرد ڦيرون ڦرن. اسان جي ڌرتي توڙي ٻين ڌرتين کي * گرهه ڪري چئبو آهي. چندرما کي وري پوٺلگهه اپگرهه ڪري ڪوٺبو آهي، ڇاڪاڻ ته هو ڌرتيءَ پٺيان لٽڪيل آهي. ٻين ڌرتين کي به شايد اهڙا ٻيا اپگرهه هجن. مطلب ته سج ۽ گرهه (ڌرتيون) به گڏجي پنهنجو هڪ ڪٽنب ٺاهين ٿا جنهن کي چئبو آهي Solar System (سورج منڊل).

رات جو تون بيشمار تارا ڏسين ٿي. انهن ۾ ڪي اٿئي گرهه، باقي ٻيا آهن تارا. تون ڀلا ٻڌائي سگهندينءَ ته تارا ڪهڙا ۽ گرهه ڪهڙا؟ سچ پچ ته گرهه (ڌرتيون) تارن کان گهڻو ننڍا آهن پر آسمان ۾ تارن کان وڏا ٻيا لڳن ڇاڪاڻ ته اسان کي وڌيڪ ويجهو آهن. حقيقت ۾ ته چنڊ به تمام ننڍڙو آهي پر ڇاڪاڻ ته اسان کي ويجهو آهي تڏهين وڏو پيو لڳي. تارن ۽ گرهن جي

* گرهه معنيٰ گهر- انهيءَ ڪري ڌرتيءَ کي (گرهه) ڪوٺيو ٿو وڃي.

# ٻوٽن ساهه واريون شيون

پياري اندرا، ٣

اڳين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته شروعات ۾ ڌرتي اهڙي ته تتل هئي جو ڪوبه ساهوارو جيڪر مٿس رهي ڪونه سگهي. هاڻي توکي ٻڌائيندس ته ”حياتي“ ڪيئن شروع ٿي. ٻوٽن کهڙو روپ ورتائين، ۽ ٻوٽيان جيو کهڙي قسم جا هئا؟ پر ٻوٽن ٻڌاءِ ته ساهوارو ڪنهن کي ٿو ڪوٺجي؟ تون چوندينءَ ته ماڻهو، جانور ۽ پکي. پر تون جيڪي وڻ ٽڻ ٻوٽا ڏسين ٿي تن ۾ بہ ساهه اٿيئي. انهن جو گذران بہ هوا، پاڻي ۽ روشنائيءَ تي آهي. توکي ياد هوندو ته لنڊن ۾ مون توکي (Kew) باغ ۾ ڪي ٻوٽا ڏيکاريا هئا جن مکيون پي کاڌيون. خبر اٿيئي ته سمنڊ جي تري ۾ وري ڪي اهڙا جانور رهن ٿا، جن کي ڏسي منجهي پئبو آهي ته جاندار آهن الاءِ بيجان، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي مرضيءَ موجب چري پري ڪونہ سگهن. جڏهين تون ٻوٽن جي سائنس، جنهن کي (Botany) چئجي ٿو ۽ جانورن جي سائنس جنهن کي (Zoology) چئجي ٿو، سا پڙهندينءَ تڏهين توکي خبر پوندي ته جڳ ۾ ڪي اهڙيون بہ عجيب شيون

آهن. انهن مڇين جي موت کان پوءِ اسان کي سنڌن کوڏ ۾ چلر هٿ آيا. انهن کوڏن ۾ چلرن جي مٿان ويندا آهن مٽيءَ جا ٿهه چڙهندا. اهڙي طرح کوڏ ۾ مٽي هڪ ٻئي مٿان چڙهندا ننڍا ننڍا ڏکر ٺهي پوندا آهن، جي اوچتو ڪنهن ڌرتيءَ جي ڏهڪ سان ٻاهر نڪري نروار ٿيندا آهن. انهن کوڏن جي اڀياس ڪرڻ سان اسان کي خبر پوي ٿي ته شروعات ۾ سرشتيءَ جي اتپتي ڪهڙي هئي. هاڻي هن خط ۾ سان توکي انهن جيليءَ وانگر مڇين بابت وڌيڪ ڪجهه ٻڌائيندس ته ڪيئن انهن پنهنجو روپ بدلايو.

# جانورن جو پيدا ٿيڻ

پياري اندرا،

اڳئين دفعي مون توکي ٻڌايو ته قدرت جي سرشتي ۾ پهرين پهرين "حياتيءَ" جي نشاني جا نظر آئي سا هئي جيليءَ وانگر مڇي. اها شايد رڳو پاڻيءَ ۾ ئي جيئي ٿي سگهي. ٻاهر نڪرڻ سان يا پاڻيءَ جي سڪڻ سان مري ٿي ويئي. پر تن ڏينهن دنيا جو گهڻو ڀاڱو پاڻي ئي پاڻي هو. پوءِ آهستي آهستي جڏهين ڪيتري قدر سمنڊ سڪي ڌرتي جو ڀاڱو ٿي ويو تڏهين فقط اهي سمنڊ جون مڇيون جن جو مٿيون ڀاڱو البت سخت هو سي ڌرتيءَ تي بنان پاڻيءَ به جيئي سگهيون. انهيءَ ڪري انهن جو انداز وڌي ويو باقي ٻيون مڇيون ته زمين تي يڪدم سڪي مري ويئون. اها ڏس قدرت جي ڪهڙي نه سٺي ڳجهارت آهي جو فقط انهن جيون کي جيئڻ جو حق مليو جن ۾ (Adoptability) يعني پاڻ هنڊائيءَ جو انگ هو يعني جي ٻاهرين ڦير گهير کي منهن ڏيئي ٿي سگهيا. مون توکي لنڊن جي ڪينسنگٽن ميوزم ۾ ڏيکاريو ته ڪيئن نه برف جي ملڪن جي پکين ۽ جانورن جو رنگ اڇو برف وانگي ۽ گرم

جيئن جيئن وڌي ٽرندي ۽ رهڻ
ن قسمين قسمين جا جيو بہ ويا

پاڻيءَ جا جيو، تنهن کان پوءِ اهي
ي ٽوڙس سگهي ۽ انهين تي جيئي ٿي سگهيا،
ر ڪچئون وغيره. پوءِ وري اهي جانور
ءِو ڌرتيءَ تي جيئي ٿي سگهيا. تنهن کان پوءِ
ي جي هوا ۾ اڏامي سگهيا. ڏيڏر هڪ سنو
اهي جنهن جي اپياس ڪرڻ سان خبر پوندي ته
پاڻيءَ" ڪيئن ڦيرو ڪاڏو آهي.
شروعات ۾ گهاٽا ٻيلا گهٽا هئا جنهن ڪري زمين
۾ چڪڻ وانگر هوندي هئي پر پوءِ مٽس ٽڪرين ۽
جبلن جي دٻاءُ هئڻ ڪري اها زمين وڌي هيٺ دٻجي
ڪوئلا ٿيندي. تو کي خبر آهي زمين جي اونهي ڪوئلي
۾ ڪٿي ڪوئلن جون ڪاٺيون نظر اينديون.
پهريان ڌرتيءَ جا جانور هئا نانگ بلائون ڪچئون
واگهو وغيره کي ڪي ته انهن سان سٺو سٺو ڦوٽ
ڏکها ٿيندا آهن. مون تو کي اهي سڀ لنڊن جي ميوزم
۾ ڏيکاريا هوا، تنهن کان پوءِ وري اهي جانور پيدا
ٿيا جي پنهنجي ٻچڙن کي ڌارائي ۽ پالي سگهيا ٿي.
انهن سڀني جانورن ۾ انسان سان مشابهت رکندڙ جانور
ٻولڙو آهي. انهيءَ ڪري ٿي کي سمجهندا آهن ته اسين
ماڻهو انساني جنم وٺڻ کان اڳ ٻولڙا هواسين.

اهوئي شايد سبب هجي جو شروعاتي انسانن ۽ مرون جي وچ ۾ ڪو گهڻو تفاوت ڪونه هو.

پر هاڻي ته انسان وڌندو ۽ سڌرندو انهيءَ درجي تي رسيو آهي جتي نڪو آهي سندس انت نڪا آهي سندس حد.

پر ڏهين به ڪڏهين اها يادگيري پوي ٿي ته شايد سچ پچ اسين پولڙن جا ويجها عزيز آهيون، ڇاڪاڻ ته اڃان به اسان ۾ ڪي قدر پولڙن جا لڇڻ آهن.

# انسان جو اچڻ

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته شروعات ۾ ٦
”حياتي“ ڪيئن وارد ٿي ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪيئن نه جوئين جو چڪر ڦرندي هزارن ورهين جي عرصي ۾ اچي اڄوڪي ڪماليت کي رسي آهي. پر انهيءَ جوئين جي چڪر ۾ سڀ کان سڌي ڳالهه جا اسان ڏٺي سا اها ته ڪيئن نه جانورن ۾ به پاڻ هنڊائي جو انگ سمايل آهي. انهيءَ ڳڻ هٿان ڪري ٿي ”حياتي“ پنهنجي بچاءُ ۽ ترقي ڪري سگهي ۽ انهي ڳڻ دوران ٿي اڄ ”حياتي“ هڪ اوج ۽ بي انت درجي تي پهتي آهي. ڏس ”حياتي“ پهرين ته فقط انهن جانورن جي روپ ۾ هئي جن کي هڏا به ڪونه هئا. پوءِ وري انهن جانورن جو روپ ورتائين جن کي فقط پٺيءَ تي هڏو هو. هاڻي ياد ڪري ڇڏ ته سرشتيءَ ۾ ٻن قسمن جا جانور آهن، هڪڙا هڏن سان ٻيا هڏن کان سواءِ.

هاڻي ڏسون ته مڇين جي اتپتي ڪيئن ٿي ٿئي. مڇيون هزارن جي عدد ۾ آنا لاهينديون آهن. پر انهن جي ڪنهن به نموني ۾ سنڀال ڪونه ڪن. فقط آنن

لاهڻ جو ڏي ڪم ڪن. انهيءَ ڪري ڪيئن آنا زيان
ٿيو وڃن. فقط ڪي ٿورا وڃي مڇين جي صورت وٺن.
ڏس ته سنڀال نه ٿيڻ ڪري حياتين جو ڪيڏو نه زيان
ٿـو ٿئي! هاڻي وري اچون ٿا انهن جانورن تـي جي
مڇين کان البت اوچي درجي جا آهن. اهي آهن پکي.
اهي به آنا لاهين ٿا پر گهٽ انداز ۾. تو ڏٺو هوندو
ته ڪڪڙ ڪيئن نـه آنا لاهـي مٿن آڙو ويهي ڪندي
آهي. وري جڏهن اهي آنا ڦٽي چوزا ٿين ته به ڪجهه
وقت ته انهن جي سنڀال ڪري ۽ ان چڱي آڏي ڪارائين
هاڻي وري اچ انهن جانورن تـي جي آنـا ڪونه لاهين
پـر انسان وانگي ٻچڙا پيدا ڪري انهن کي ڌارڻين ۽
پالين جهڙوڪ ڪتو، ٻلي، سها وغيره- پر انهن جي
اولاد جو به ڪي قدر زيان ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي به
خاص ڪري سها گهڻي انداز ۾ اولاد ڄڻين ٿا جن مان
ڪجهه بچي ته ڪجهه مري. پر هاڻي گهوڙو ۽ ڳانءِ
اهي ته وقت سر فقط هڪ ڏي ٻچو پيدا ڪن جنهن کي
پنهنجي کير سان پالي نپائي وڏو ڪن. تون ڏسندين ته
نه انهن جانورن ۾ انسان وانگي ماتا پٽي جـو انگ بـه
آهي. پهريان بي سمجهه جانور جـي فقط آنا لاهي وڃن
اڇلائيندا. تنهن کان پـوءِ سمجهو جانـور جي ٻچا پيدا
ڪري انهن کي پالين ۽ سنڀالين. آخر تـه نيٺ آيـو
سڀ کان سمجهو ۽ روشن دماغ جانور "انسان" جو
ته توکي خبر آهي ته ڪيئن نه پنهنجي اولاد جي سار

سنپار لهندو آهي.

جيئن مرون ۾ درجا آهن تيئن انسانن ۾ بہ درجا آهن. پهريان انسان تہ صفا جهنگلي ۽ بي سمجهہ هوندا هئا. ڪين اڌ باندر اڌ انسان ڪوٺجي تہ بہ ٺهي وڃي. توکي ياد هوندو تہ جرمني ۾ هيڊلبرگ ۾ مون توکي هڪ جهوني زماني جي ماڻهوءَ جو هڏن جو پڃرو (Skeleton) ڏيکاريو هو جو ڪيڏي نہ حفاظت سان تجوڙيءَ ۾ سانڍي لڪائي رکيو هوائون.

شروعات ۾ ڌرتيءَ تي اهڙن ٿڌ هئي جو تن ڏينهين دنيا کي چوندا ٿي برف جو جڳ هئا. نارٿ پول ۾ اڄ جيڪي برف جا ٽڪر (Glaciers) ڏسبا آهن سي اڳي انگلنڊ ۽ جرمنيءَ تائين هئا. سائنسدان چون ٿا تہ ميڊيٽيرين سمنڊ اڳي فقط هڪ وڏي شاهي ڍنڍ هئي. تن ڏينهن (ريڊسي) جو تہ پتو بہ ڪونہ هو. اسان جو هندستان بہ چون ٿا تہ هڪ وڏو ٻيٽ هو. سمنڊ شايد فقط پنجاب پاسي هو. خيال تہ ڪري ڏس تہ سڄو ڏکڻ هندستان ۽ وچ هندستان فقط هڪ وڏو ٻيٽ هجي جنهن کي سمنڊ هماليہ جبل کان جدا ڪري ڇڏيو هجي.

تن ڏينهن تہ مسوريءَ بہ شايد جهاز جي رستي وڃڻو پوي ها.

پهرين جڏهين انسان پيدا ٿيو هوندو تڏهين پنهنجي چوڌاري فقط جانورڻي جانور ڏسي ڪهڙو نہ ڊپ ۽ هراس ۾ وقت گذاريو هوندائين! پر اڄ تہ ڏس تہ ڪيئن نہ

انسان سيني جانورن جو مالڪ بڻيو ويٺو آهي. ڪن کي پالي ته ڪن جو وري پنهنجي موج لاءِ شڪار پيو ڪري.

ڏس انسان جو هيڏي اوچي درجي تي وڃي رسيو آهي سو نه پنهنجي شريرڪ ٻل جي ڪري پر فقط دماغي شڪتيءَ جي ڪري. اهو عقل ئي آهي جنهن جي مدد سان انسان هيڏي اوچي مقام تي پهچو آهي.

تنهن ڪري اچ ته ٻي سمجهه انسان ۽ مرونءَ جي وچ ۾ خير ڪو تفاوت سمجهڻ کپي.

پهريـن ڳالهه جا انسان پنهنجي مغز دوران ڳولهي ڪڍي سا اها ته باهه ڪيئن ٻارجي - هينئر باهه تيلي ۽ ماچيس سان ٽا ٻاريون. پر اڳي ته ماچيس ڪونه هئا. پوءِ خبر اٿيئي ته باهه ڪيئن ٻار بي هئي؟ ٻه شيون پاڻ ۾ گهبيون هيون ته باهه جو الو نڪرندو هو. ڪنهن مهل شايد اوچتو جهنگل ۾ ٻن شين جي گسڻ سان اچي باهه لڳي هوندي. سو انسان مغز هلائي اها ڳالهه جاچي ان جو فائدو ورتو هوندو. پوءِ ته باهه ڪيس گهڻن نمونن ۾ ڪتب آئي. وڏي ڳالهه جا سندس فائدي لاءِ ٿي سا اها جو باهه جي چمڪات تي سڀ جانور ڊڄي ڀڄي ويا هوندا. ڏس انسان ڪيئن نه مغز هلائي سيني خوفن کان ويو پاڻکي آجو ڪندو!

# شروعاتي انسان

٢ پياري اندرا،

اڳين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته ڌرتيءَ جو اڀياس اسان کي قدرت جي ڪتاب دوران ڏي ڪرڻ گهرجي. پٿر، جبل، ٽڪريون، سج ۽ چنڊ تارا، نديون سمنڊ ۽ چشمان اهي سڀ انهي قدرت جي ڪتاب جا ورق اٿيئي. اهو ڪتاب هردم اسان جي اڳيان کليو رکيو آهي. پر اسين رڳو پڙهڻ سکون. جي هڪ واري پڙهڻ سکياسون ته اسان کي منجهانئس سڀني ڏند ڪٿائن کان وڌيڪ مزو ايندو. انهيءَ ڪتاب دوران اسان کي خبر پوندي ته ڌرتيءَ تي سڀني قسمن جي جانورن گڏجي جنم ڪونه ورتو. پهرين هڪڙن پوءِ ٻين. تنهن کان پوءِ وري انسان. پر انهن ڏينهن جا انسان ڪو اسان جهڙا ڪونه هئا. هو صفا بي سمجهه ۽ جهنگلي هئا. مرون ۽ انهن جي وچ ۾ ڪو گهڻو تفاوت ڪونه هو. پر انسان منجهه ويچار جي سگهه سمايل هئي جنهن جي ڪتب آڻڻ سان هو آهستي آهستي ويو سڌرندو ۽ جانورن کان مٿاهون درجو پائيندو. هاڻي ته تون ڏسندينءَ ته هيڏي پربت جيڏي هاٿيءَ کي به ڪيئن ننڍڙو

۽ سڏريل ٿا سمجهون سي به انهيءَ اوچ نيچ ۽ جنگ جهيڙي کان آجا ڪونه آهيون.

اڳين ڏينهن جا راجائون پنهنجي ڪاروباريءَ جو حال احوال به پٿرن تي لکندا هئا. الهه آباد جي قلع ۾ پٿر جي ٿنڀي تي ڏهه ڪي اهڙا اکر اڪريل ڏٺا هوندا. اهي راجا اشوڪ جي وقت جا اٿئي، جو ڪي هزار ورهيه اڳ هندوستان تي راڄ ڪندو هو. لکنو ميوزم ۾ به گهڻئي اهڙا پٿر آهن جن تي اکر اڪريل آهن. جهوني زماني جي تاريخ اڀياس ڪرڻ سان تو کي خبر پوندي ته چين ۽ مصر ڪن وقتن ۾ ڪهڙي نه اوچ تي رسيل هئا ۽ يورپ ڪهڙو نه جهنگلي قومن سان پريل هو! خبر اٿئي ته جن ڏينهن راماڻ ۽ مهاڀارت رچيا ويا هئا تن ڏينهن ۾ اسان جو ڀارت ڪهڙو نه شاهوڪار ۽ زبردست ملڪ هو؟ اڄ اسان جي هيٺي حالت آهي ڇاڪاڻ ته اسان تي ڌاري حڪومت جو راڄ آهي اسين آزاد قوم ڪونه آهيون. پنهنجي ملڪ لاءِ ڪجهه به نٿا ڪري سگهون. پر اٿين ڪو سدائين ڪونه ٿيندو. اسان جي محنت ۽ قربانيءَ سان وري اسان جو ڀارت موڙي پنهنجو وڃايل اوچ ماڻيندو. نيٺ اهو ڏينهن ايندو جو اسان جي لکها غريب ڀائرن جي بد قسمتي دور ٿيندي ۽ اسان جو هندستان به ٻين ملڪن وانگر سکيو ستابو، آزاد ۽ رهڻ لائق ٿيندو.

# جهوني ۽ نئين پٿري جڳهہ جا ماڻھو

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي سمجھايو تہ انسان ۽ مرون جي وچ ۾ تفاوت فقط سمجھہ جوئي فرق آهي. جي انسان ۾ سمجھہ نہ هجي ها تہ جانور جيڪر جيئن ڪونہ ڏينس ها. پر انسان پنهنجي سمجھہ ڪري سڀني جانورن کان مٿاهون ٿي ويو. شروعات ۾ ڪي هٿيار پنوهار ڪونہ هئا. جانورن کي پٿر اڇلائي سان ئي پچائي ڪيدو هو. پهريان هٿيار جي انسان پنهنجي بچاء لاء ٺاهيا سي پٿرن جا هئا. مون توکي ڪيسنگٽن ۽ جنيوا جي ميوزم ۾ اهڙا پٿرن جا هٿيار ڏيکاريا هئا.

آهستي آهستي وچ يورپ ۽ ايشيا مان برف گم ٿيندي ويئي ۽ پوء ماڻهو بہ ويا ڏڙندا پکڙندا. انهن ڏينهن ۾ نڪي جايون جڳهيون هيون، نڪي ڪي پنيون پارا هئا. ماڻهو غارن ۾ رهندا هئا ۽ ڦل ڦول تي گذران ڪندا هئا. تن ڏينهين نہ ڪو رڌڻ جا برتن هئا نڪو ئي ڪو ماڻهن کي ڪجهہ رڌڻ ايندو هو. جي

پائڻ جو نخرو بہ منجھن شروع ٿيڻ لڳو. اهي ماڻھو ڏکو ھٿي ڪٿي ڇھجي تہ ڏھہ ھزار ورھيہ ڪن اڳي رھندا ھئا. پھرين تہ مون توکي لکيا ورھيہ اڳ دنيا جي تاريخ ٻڌائي. ھاڻي تہ پنھنجي ھلندڙ زماني کي ويجھا پوندا ٿا اچون. Neolithic ماڻھن کان اسون تمام گھٽي قدر ڦريل آھيون قدرت جي قاعدي مطابق آھستي آھستي ويا آھيون ڦيرو ڪائيندا زمين جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جدا جدا نمونن جي آب ھوا ھئڻ ڪري ماڻھو بہ انھي مطابق سان ويا ھڪ ٻي کان ٻيءَ طرح جا ٿيندا اھڙي طرح ويئون جدا جدا قومون ٺھنديون. Neolithic جڳ جي مان توکي ھڪ خوفناڪ آفت جي ڳالھہ ٿو ٻڌايان تہ ڪيئن نہ انھن ڏينھن ۾ جل مٿي ٿي ھئي. بائيبل ۽ سنسڪرت جي ڪتابن ۾ بہ ان بابت ڪجھہ ذڪر ٿيل آھي. مون توکي ٻڌايو تہ اڳي Mediterranean سمنڊ فقط ھڪ ڍنڍ ھئي جنھن تي ماڻھو جھوپڙيون اڏي رھندا ھئا. اوڇتوڻي اوچتو جبرالٽر وٽ يورپ ۽ آفريڪا جي وچ ۾ جا زمين ھئي سا لڙھي ويئي ۽ Atlantic سمنڊ ڏوڪيندو اچي ھيٺين ماٿرين کي پريو، پاڻيءَ جي اڇل اھڙي تہ زبردست ھئي جو گھٽو انداز ماڻھن جو جھوپڙين سميت ٻڏي ويو چوڌاري ميلن جا ميل فقط پاڻي ئي پاڻي ٿي ويو ۽ سڀ ماٿريون ۽ ڍنڍون ڀرجي Mediterranean سمنڊ ٿي پيو. ڪي ٿورا ماڻھو جي پنھنجي جان بچائي ڀڳا ھوندا تن اچي

انهيءَ جل مٿيءَ جي ڳالهه ڪٿي هوندي. اما اُتي Mediterranean سمنڊ جي جنم جي ڪهاڻي. هاڻي ٻئي خط ۾ مان توکي ٻڌائيندس ته ڪيئن جدا جدا قومون ٿيون.

# جدا جدا ٻوليون ڪيئن ٿيون

پياري اندرا،

اهو چوڻ مشڪل آهي ته انسان ذات شروعات ۾ دنيا جي ڪهڙن ڀاڱن ۾ جنم ورتو يا دنيا جا ڪهڙا ڀاڱا پنهنجون بيٺڪون ڪري اچي وسايا. شايد ساڳئي وقت دنيا جا ڪيترا ڀاڱا انسان ذات سان وسجي ويا هجن. پر شايد اهين هجي جو اتر هندوستان ۾ جڏهن اجا برف ڇانئين پئي هئي تڏهن ماڻهو شايد هيٺاهن گرم ڀاڱن ۾ رهندا هوندا. شروعات ۾ ته ڌرتي فقط شاهي بيابانن وانگي هوندي جهڙا اجان تائين به سائبيريا ۾ ڏسبا آهن. پر آهستي انهن تي گاهه جي پوک ٿي هوندي جن تي ماڻهن پنهنجو چوپايو مال اچي چاريو هوندو. جيڪي ماڻهو پنهنجو ڪو گهر گهاٽ اڏي هڪ هنڌ بيٺڪ نه ڪندا آهن تن کي (No mads) سڏبو آهي. اجان تائين به (gypsies) وانگي دنيا ۾ اهڙا گهڻيئي ماڻهو آهن جي هميشه پيا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رلن. شروعات ۾ گهڻو ڪري ماڻهو پنهنجون بيٺڪون ندين جي ڪنارن تي ڪيون هونديون جو اتي پوک سولائيءَ سان ڪري سگهيا هوندا سو مثال طور ڪري ٿا وٺون

مان ٻي ڦٽي نڪتيون آهن تہ بہ هڪ ٻئي کان گهڻي قدر ڦريل آهن. سنسڪرت، لاطين، گريڪ، انگلش، فرينچ جرمن ۽ اٽالين انهن سڀني ٻولين جو پاڻ ۾ سوٽاپائي جو ڏي سگ ڇنبو چاڪاڻ تہ سڀئي هڪ ئي آريہ ٻوليءَ جو اولاد آهن. اسان وٽ تہ وري ڪيترين ٻولين جهڙوڪ هندي، گجراتي، بينگالي، مرهٽي ۽ اردو آهن جي سڀ سنسڪرت ٻوليءَ جو اولاد آهن. ٻي اصلوڪي ٻولي (Chinese) چينيز آهي. جنهن مان برمي، تبتي ۽ سيامي ٻوليون نڪتيون آهن. ٽين ٻولي وري (Semitic) سيميٽڪ آهي جنهن مان عربي ۽ هيبرو ٻوليون نڪتيون ترڪي ۽ جپاني ٻوليون ٽئين ڏن مڪيہ ٻولين مان نڪتل آهن. اهي پنهنجي ليکي آهن. ڏکڻ هندستان ۾ هيٺين چئن قسمن جون ٻوليون- تامل، تيليگو، ملايا ۽ ڪنريز آهن. جي ڊرويڊين ٻوليءَ جو اولاد آهن ۽ تمام جهونيون آهن.

# جدا جدا قومون ڪيئن ٿيون

پياري اندرا، ٢

اڳئين خط ۾ مون توکي Neolithic قوم جي ماڻهن بابت ڪجهه احوال ٻڌايو جي ڍنڍن جي ڪنارن تي رهندا هئا. انهن پنهنجي سک سهنج لاءِ گهڻيئي سڌارا ۽ واڌارا ڪيا. ان پوکڻ، جانور پالڻ گهر اڏڻ، رڌڻ وغيره گهڻوئي سکيا. اڄ جيڪي جدا جدا قومون اسين ڏسون ٿا سي سڀ گهڻو ڪري چئن رنگن جا ماڻهو نظر ايندا آهن. گورا، ڪارا، پيلا، ڪڪا ناسي. پر هيئنئر ته سڀ قومون پاڻ ۾ ايتري قدر گڏجي مسجي ويون آهن جو انهن کي چئن ورنن اندر ورهائڻ ڏاڍي مشڪل ٿي پيو آهي. ڪيترن کي ته ڏسڻ سان هرويرو چئي به ڪونه سگهبو ته هو ڪهڙيءَ قوم جا آهن. سائنسدان ته مٿي جي ماپ ڪرڻ سان به قومن جو تفاوت ٻڌائي سگهندا آهن پر هاڻي تون چوندينءَ ته جي سڀئي جدا جدا قومون هڪ ئي قوم جو اولاد آهن ته پوءِ هڪ ٻئي کان ايتري قدر ڦريل ڇو آهن؟ شيدي ۽ ۽ يورپيءَ جي وچ ۾ ڏس ته ڪيڏو نه تفاوت آهي! هڪ اڇو ته ٻيو ڪارو هڪ جا وار ڊگها، هلڪا ۽ ڪڪا

تہ ہي جا وار ننڍا گھنڊيدار ۽ ڪارا۔ چڱا جا ماڻھو
تہ مرڳوڙي ڏٺين نموني جا، پيلي رنگ جا آھن. انهن
تفاوتن لاءِ سبب آھن. اهو تہ مون توکي اڳ ۾ ڏسي
سمجھايو آھي تہ ڪيئن نہ خود جانور بہ ٻاھرين قدرتي
حالتن پٽاندر ويا پاڻ کي ھيرائيندا ۽ ٺھڪيندا. انسان
بہ ائين ڪيو. يورپي ۽ شيدي ھينئر جيتوڻيڪ جدا جدا
قومون آھن تہ بہ ڪنھن زماني ۾ تہ ھڪ ڏي قوم جو
اولاد ھئا. ھاڻوڪو تفاوت ٻاھرين قدرتي حالتن ڏسي
ٺھڪائڻ جوڳي نتيجو آھي. جي انسان برف جي ملڪ
۾ رهيا تن پاڻ ۾ ٿڌ جھلڻ جي سگھہ پيدا ڪئي. جي
گرم ملڪن ۾ رھيا سي وري پاڻ کي گرميءَ تي
ھيرائي سگھيا.

ڏس ايسڪيمو ملڪ جا ماڻھو برف جا رهاڪو
ھئڻ ڪري ڪيئن تہ ٿڌ جهلي سگھن ٿا. انهن کي جي
گرم ملڪ ۾ آڻجي تہ شايد نہ بہ جيئي سگھن. ھنن
کي برف جي ملڪ ۾ رهڻ ڪري ٻين ملڪن جي
ماڻھن کان جيوت ڏي ڦريل ٿي ڪاٺي پوي - ھنن جون
گھرجون ڏي پنھنجي ملڪ جي حالت مطابق ٿيون ٿين.
جنھن ڪري انھن کي ھرويرو ٻين ملڪن جي ماڻھن
وانگر گھٽين ڳالھين يا ھنرن سکڻ جو ضرور ڏي ڪونہ
ٿو پوي. شيدي وري جيڪي خط استوا جي نزديڪ
ٿا رهن سي تہ وري گرميءَ تي ھري ويا آھن. سج جي
تپش ڪري ھن جو رنگ بہ صفا ڪارو ٿي ويو آھي

صفا ڪارا پيا نظر اچن. پر جيڪي تمام شاهوڪار هئڻ سبب پاڻ کي اس ۽ گرميءَ کان بچائي ٿا سگهن سي ته گرم ملڪن ۾ به اڇا رهي ٿا سگهن. پر پاڻ کم نه ڪري ٻين جي پورهئي تي جيئي اچو رهجي تنهن ۾ فخر جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اتر هندوستان جا ماڻهو جهڙوڪ ڪشميري ۽ پنجابي گهڻو ڪري اڇا نظر ايندا. پر ڏکڻ هندوستان جو پوءِ چڪر جي ڏيجهو آهي اتي جا ماڻهو ڪارا آهن جهڙوڪ مدراسي ۽ سيلوني سو رنگن جو تفاوت گهڻو ڪري ملڪ جي آبهوا تي ٿي ٿو مدار رکي، پر هندوستان ۾ انهيءَ لاءِ ٻيو به ڪجهه سبب آهي. پراچين زماني ۾ ڪن ٻين قومن اچي بيٺڪون ڪيون جي رنگ جا نرالا هئا. جيتوڻيڪ جدا جدا قومن هڪ ٻئي کان پاڻ کي پري رکڻ جي ڪوشش به ڪئي هوندي ته به انهن تي ڪين سگهيو هوندو. قومن جو پاڻ ۾ گڏجي وڃڻ جي ڪري ئي اڄ ڪنهن به هندستان جي ماڻهو لاءِ چئي ڪونه سگهبو ته هو ڪهڙيءَ خاص قوم جو آهي.

# ٻولين جو پاڙ ۾ لاڳاپو

پياري اندرا،

مون توکي اڳئين خط ۾ ٻڌايو ته ڪيئن آريه لوڪ ڪيترن ملڪن ۾ پکڙجي ويا ۽ ڪيئن سندن ٻولي به ديسان ديس ورتي ويئي. پر آبهوا ۽ قدرتي حالتن جي ڦير گهير ڪري هرڪا آرين جي ٽولي هڪ ٻي کان ڦريل نموني جي ٿيندي ويئي. هرڪا ٻولي پنهنجي گهرجن مطابق ويئي پنهنجي پنهنجي نموني ريتون رسمون ڏاهيندي انهن ڏينهن ۾ مسافري ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه هئي تنهن ڪري جيڪي ٽوليون جتي ويون سي تتي ڏي رهيون. نڪو هڪ ٻئي سان گڏجي سگهنديون هيون نڪوئي ڪو هڪ ٻئي جو پتوئي پوندو هون. اهڙيءَ طرح صدين گذرندي سڀڪا آکهه ويئي پنهنجي نموني ٿيندي. تنهن ڪري سڀاويڪ اهو سڀني کان وسري ويو ته ڪو سڀئي آريه اصل ۾ هڪ ئي ڪٽنب جو اولاد آهن. سندن ٻولي به گهڻين ٻولين ۾ ورهائجي، واپرڻ لڳي. هينئر جيتوڻيڪ هرڪا ٻولي پنهنجي نموني جي آهي ته به اڀياس ڪرڻ سان ڪيترا مشابهت رکندڙ اکر منجهن لڀندا. انهي مان ئي ثابت آهن ته هي

سڀني جدا جدا ٻولين هڪ ئي ساڳي ٻوليءَ
جو اولاد آهن ڏس هي ٻه عام چالو اکر ڪٿي تا
جاچيون. (Father & Mother) سنسڪرت ۽ هنديءَ
۾ انهن کي ماتا ۽ پتا چئبو آهي لئٽن ۾
“Pater & Mater”، گريڪ ۾ “Pater & Meter”
جرمني ۾ “Vater & Mutter” فرينچ ۾ “Pere &
Mere”. ڏس سڀني اکرن جي هڪ ٻئي سان ڪيتري
نہ مشابهت آهي ائين پيو لڳي ڄڻ تہ پاڻ ۾ سڀ ڀائيءَ
جو سڳ اٿن. ٻولين جو اڀياس ڏاڍو وندرائيندڙ ٿيندو
آهي. منجهانئس ڪيترين ئي ڳالهين سکي سگهجن
ٿيون. جي ٻہ چار ٻوليون سکليون هجن تہ پوءِ باقي
ٻيون سڀ ٻوليون سکڻ سوليون آهن. اهين سڀ جي
هيٺر هڪ ٻي لاءِ ڌاريا ٿي پيا آهيون سي ڪنهن
وقت مڙيوئي هڪ ئي قوم جو اولاد هئاسين. اسان ڪان
هيٺر اهو اکيون پائڻي جو سڳ وسري ويو آهي.
سيڪو هڪ ٻي کان پاڻ کي جدا پيو سمجهي سڀني
قومن جي وچ ۾ رکو اوچائي نيچائيءَ جي چڪ تاڻ
هلي رهي آهي. اجايو هٺ سڀني کي ويڙهي ويو آهي.
ڪير ڪنهن کي پاڻ جهڙو ڪري ڪونہ ٿو سمجهي.
حقيقت ۾ تہ ڪوبہ انسان گڻ يا اوگڻ کان آجو
ڪونهي. ڪن ۾ ڪهڙا گڻ تہ ڪن ۾ ڪهڙا گڻ.
هر ڪنهن قوم ۾ بہ ڪي خاصيتون تہ ڪي گهٽتايون
ضرور لڀنديون. اسان کي سڀ ڪنهن گڻ جو ڳرهڻ

۽ اوڳڻ جو نيڪال ڪرڻ گهرجي. البت اسان جو خاص واسطو تہ پنهنجي ئي ملڪ هندستان سان ٿيڻ گهرجي. اڄ ڏس اسان جي وطن پيارت جي ماڻهن جي ڪهڙي نہ ڏوکوئيندڙ حالت آهي! اسان جا ڪيئين پاڙر بکيا ۽ دکي آهن، جن لاءِ تہ جيئڻ ۾ ڪوبہ مزو ڪونهي. اسان جي اڳيان هينئر تہ اهوئي مقصد هئڻ گهرجي تہ انهن جي بک ڪيئن دور ڪريون؟ اسان کي کپي تہ جيڪي جيڪي نمونا ۽ رسمون اسان جي ملڪ لاءِ ڪارگر ۽ فائديمند هجن، تن جي رکيا ڪريون، باقي ٻين سڀني نقصانڪار طريقن ۽ رسمن کي ترڪ ڪيون. ٻين ملڪن جي گڻن جهڙو ۾ ڪو بہ اهڃ ڪونهي. جيتوڻيڪ اسان کي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ اسين هندستاني آهيون اسان کي هندستان ۾ ئي رهڻو آهي، ۽ اسان کي ئي ان کي نئين سر اڏڻو آهي. پر تہ بہ ساڳئي وقت اسان کي اهو نہ وسارڻ کپي تہ سڀ دنيا جون قومون "انساني سنگ" سان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. ڪهڙي نہ سٺي ڳالهہ ٿئي جو سڀ دنيا جون قومون سکي ۽ صلح سانت سان گذارين! اسانجو هينئر اهوئي ادم هئڻ گهرجي تہ ڪيئن دنيا ۾ سک سانت ۽ راضپو پيدا ڪجي.

# سڀيتا ڇا کي ٿو چئجي

پياري اندرا،

هن خط ۾ مان تو کي پراچين سمي جي سڀيتا (Civilisation) بابت ڪجهه ٻڌائيندس. پر پهريون اسان کي سمجهڻ کپي ته "سڌارو" يا "سڌريل" ڇا کي ٿو ڪونجي؟ ڊڪشنريءَ ۾ "سڌارڻ" لفظ جي معنيٰ آهي "بهتر ڪرڻ." سڌارو گهٽو ڪري انسان، سماج يا قوم جوڙي ٿي سگهيتو. انسان پنهنجي اڻ سڌريل حالت ۾ مرونءَ سمان آهي. اهڙي انسان کي جهنگلي سڏڻ ڏبي واجب آهي. انسان جيئن پاڻ مان پسون پٺي جو انگ نڙي ڪيندو وڃي تيئن هو وڌيڪ سڌرندو وڃي. جيڪي پسون پٺي يا جهنگلپڻي جي ابتڙ آهي تنهن کي ٿي "سڌارو" چئجي ٿو: يعني ته جيڪو سياهُ پسون پٺي سان مشابهت رکي سو "اڻ سڌريل" ۽ جيڪو پسون پٺي جي ابتڙ تنهن کي "سڌريل" چئي سگهجي ٿو. پر اڄ ڪالهه ته سمجهي نٿو سگهجي ته ڪهڙيءَ سماج کي سڌريل ۽ ڪهڙيءَ کي اڻ سڌريل چوڻ کپي. يورپ جا ماڻهو ايشيا جي ماڻهن کي اڻ سڌريل ۽ پاڻ کي ڏاڍو سڌريل سمجهن ٿا.

تي هڪ ٻئي کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن تن
کي وري سڌريل ڪيئن چئي سگهبو؟ جي ان چئڻ جي
وڙهڻ کي ”اڻ سڌريل“ چئجي ته انهن قومن جي وڙهڻ
کي وري ”سڌريل“ ڇو ڪوٺڻ کپي؟ پر جي اسين
انهيءَ من ورتيءَ سان ڏسنداسين ته اسان جي نظر ۾ سڀ
ملڪ، انگلنڊ، فرانس، جرمني، آمريڪا ۽ اٽلي اڻ سڌريل
ڏسڻ ۾ ايندا. هاڻي تون چوندينءَ ته انهن ملڪن ۾ ته
گهڻيئي سٺيون ڳالهيون ۽ سڌريل ماڻهون آهن. بيشڪ
ائين آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو ”سڌريل“ يا
”سڌاري“ اکر جي معنيٰ سمجهڻ ڏکي پيئي لڳي.
عاليشان عمارتون، سهڻيون مورتون ۽ سٺا ڪتاب، اهي
بيشڪ سڌريل سماج جون ئي نشانيون چئبيون. پر
انهن سڀني ڳالهين کان وڌيڪ سڌريل سماج جي سٺي
۾ سٺي ثابتي اهي انسان ٿي سگهن ٿا، جي ٻين جي ڀلي
لاءِ هردم جان جوکي ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهن. اڪيلي
ڪم ڪرڻ کان گڏجي ڪم ڪرڻ بهتر آهي، پر
ڪم سٺي ۾ سٺو به اهو آهي، جو عام جي ڀلي لاءِ آهي.

# جماعت جو نهڙ

پياري اندرا،

مون توکي اڳين خطن ۾ ٻڌايو آهي ته شروعاتي انسان ڪيتري قدر نه جانور سمان هو. هزارن ورهين جي عرصي ۾ آهستي آهستي پاڻ کي سڌاري ويو بهتر ڪندو. شروعات ۾ ته اڪيلي سر جهنگلي مرونءَ وانگي ڏي شڪار ڪري پنهنجو گذران ڪندو هو. پوءِ آهستي آهستي محسوس ڪرڻ لڳو ته اڪيلي گذارڻ کان جماعت جو اجهو وڌڻ وڌيڪ سلامتي وارو آهي. جماعت ۾ انسان وڌيڪ طاقت وارو ۽ سلامت رهي ٿو. خود جانور به پنهنجي سلامتيءَ لاءِ گهڻو ڪري پنهن جو ڌڻ ٺاهيندا آهن. رڍون ٻڪريون توڙي هاٿي به گهڻو ڪري ڏسنديءَ ته سڀ پنهنجو، پنهنجو ڌڻ ٺاهي لنگهندا. تو ڪتابن ۾ بگهڙن جي ڌڻ جون آ ڪاڻيون پڙهيون هونديون. رشيا ۾ سياري جي موسم ۾ بگهڙ جڏهن بکايل هوندا آهن، تڏهن سڀ پنهنجي جماعت ٺاهي وچي انسانن تي ڪاهون ڪندا آهن. اڪيلي سر خود بگهڙ به انسان تي ڪاه ڪرڻ کان ڊڄندو، پر جماعت ۾ ته سولائيءَ سان ماڻهو تي ڪاهي ايندا آهن. ماڻهن

کي پڇي لکڻو پوندو آهي. گھڻيئي ڀيرا ته بگھڙن ۾
ماڻھن جي چڪري اچي لڳندي آهي. ماڻھو برف تي
ترڪندڙ گاڏين ۾ چڙھي پوءِ وڙهندا آهن. پھريون
سڌارو جيڪو انسان ذات پنهنجي لاءِ ڪيو سو اهو جو
گڏجي پنهنجون جماعتون ٺاهيون ۽ پاڻ ۾ گڏجي رلي
ملي ڪم ڪرڻ سکيا. گڏجي ڪم ڪرڻ تنهن کي
ٻڌي يا (Co.operation) چئبو آهي. جماعت ۾ ڪم
ڪرڻ ڪري سياڻو هر ڪنهن ماڻھوءَ کي ٻين
پنهنجي جماعت جو ۽ پوءِ پنهنجو خيال ڪرڻو پوندو.
جماعت جي ڪنهن خوف خطري هيٺ اچي وڃي ته ماڻھو
جو فرض آهي ته پاڻ وساري ٻين پنهنجي جماعت
کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري، جي ڪوبه ماڻھو جماعت
لاءِ ڪم نه ڪري ته انهي کي ڌڪي ٻاهر ڪڍڻ کپي.
هاڻي ڏس جي ماڻھو پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪندا ته ضرور
ڪونه ڪو خاص ڪم ڪرڻ جو رستو کولهي ڪڍندا.
ڪنهن نه ڪنهن خاص نيم ۽ قاعدي پٽاندر ڪم کي
چالو ڪندا. جي هرڪو جماعت جو ڀاتي پنهنجي
مرضيءَ موجب جيڪي وڻيس سو ڪري ته جيڪر
جلدي جماعت جو خاتمو ٿي وڃي، تنهن ڪري جماعت
مان هڪڙي جڻي کي اڳواڻ بڻائڻ جي ريت کولي
ڪڍيائون. خود جانورن ۾ به اها اڳوانپي جي رسم
آهي. جماعت ۾ جيڪو سڀني کان طاقت وارو هوندو
هو تنهن کي پنهنجو اڳواڻ چونڊيندا هئا ته هو ڪين

۾ ڪنهن آفت کان بچائيندو اچي. پر جي ڪنهن مهل جماعت جا ماڻهو اچي پاڻ ۾ وڙهن ته پوءِ ته جماعت يڪدم ڇڙوڇڙ ٿي پوندي ۽ سندس زور ٽٽي پوندو. تنهن ڪري اڳواڻ جو اهو فرض هوندو هو ته جماعت جي ماڻهن کي هڪ ٻئي ۾ وڙهڻ کان روڪيندو اچي. پر هڪڙيءَ جماعت کي ٻيءَ ڌاريءَ جماعت سان وڙهڻ روا هو. چاڪاڻ ته پاڻ کان وري ٻي ڌاريءَ جماعت سان وڙهڻ جي ريت البت سڌريل ٿي چئبي حقيقت سان ڀريون جماعتون ته فقط وڏن ڪٽنبن کي ئي چوندا هئا. سڄيءَ جماعت جي ماڻهن جو هڪ ٻئي سان سنگ يا مائٽي هوندي هئي. پر پوءِ نيٺ ته ڪٽنب ايتري قدر وڌي ويا جو ڪٽنبن مان ڦري وڏيون جماعتون ٺهي پيون. شروعات ۾ ڪٽنبن ٺهڻ کان اڳ اڪيلي سر انسان لاءِ گذر ڪرڻ ڪهڙي نه مصيبت جي ڳالهه هوندي! ڪپڙا، سڄو وقت پنهنجي بچاءُ ۽ پالنا لاءِ وڙهڻو ۽ راڙو پوندو هوس، يا ته شڪار يا ته ڦل ڦول تي ئي گذران ڪندو هوندو. سڄو وقت پنهنجي بچاءَ جي اوني ۾ ئي گذاريندو هوندو. خود قدرت به سندس لاءِ دشمن مثل پيئي لڳندي هوندي! برف جو ڪرڻ يا ڌرتيءَ جو ڌٻڻ، تنهن کي به قدرت جو ڪرپ يا دشمني سمجهندو هوندو. ويچارو انسان! سمجهه بنا رکيو ڊپ ۾ ئي پيو وياڪل ٿيندو هوندو. جي ڳڙن جو وسڪارو

هوندو ته سمجهو هوندائين ته بادل ڏمريا آهن، سو انهن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندائين. سمجهيو هوندائين. ته بادلن کي به سندس وانگي بک جا ئي چڪ پيا هوندا جنهن ڪري ڏمريا آهن، سو ڪونه ڪو جانور ٻل چاڙهي سندس اڳيان پيٽا رکي ايندو هو ته من ڏيؤ ڪري سانت ۾ اچي. پالا مغز هلائيندو ڏي ڪونه هو جو قدرت جا نيم ۽ قائدا سمجهي هيئر ڏس اسان کي اهڙا ڏپ کهڙا نه واهيات پيا لڳن! اسان کي خبر آهي ته مينهن ڪيئن ٿو پوي. مينهن جي وسڻ ۽ بند ٿيڻ سان جانورن ٻـل چاڙهڻ جـو کهڙو لاڳاپو! پر خبر اٿيئي اڄڪلهه جي سڌريل دنيا ۾ به اهڙا ڪٿي اهڙيون واهيات رسمون چالو آهن؛ اڃان دنيا ۾ اهڙن اڻ ڄاڻ ۽ بي سمجهه انسانن کان خالي ڪونه ٿي آهي.

# ڌرم جي شروعات

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون تو کي ٻڌايو ته شروعات ۾ ماڻهو ڪيئن نه سڀ ڪنهن ڳالهه کان پيا ڊڄندا هئا. ڪابه آپدا مٿان ايندي هئن ته يڪدم سمجهندا هئا ته ديوتائون ڏمريا آهن. وڻن، جبلن، ندين ۽ بادلن، هرهڪ قدرتي نظاري ۾ سمجهندا هئا. ته ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جو واسو اوس هوندو. هنن تي اهوئي وهم ويٺل هو ته ديوتائون نه ته ڪي امن ۽ مهربان آهن پر بلڪل جوشيلا ۽ چيڙاڪ آهن جي سدائين پيا ڏمرجن. سو انهن جي ڊپ کان هو سدائين ڪي نه ڪي شيون رشوت طور پيا ڀيٽائون رکندا هئا ته من راضي ٿين. خاص ڪري کاڌي جهڙيون شيون رکندا هئا ته کائي ڍءُ ڪن. اوچتو ڪا آفت آئي، جهڙوڪ ڌرتيءَ جو ڌٻڻ يا ڪا وچڙندڙ بيماري ته ديوتائون ڏمريا آهن. پوءِ ڊپ وچان انهن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ کان ڪونه گسندا هئا. ڪيترا ڀيرا ته خود پنهنجون زالون ۽ ٻار به ٻل چاڙهيندا هئا ته من ديوتا کائي ڍءُ ڪري ۽ ٻيا ماڻهو نه ماري، ڏس هيءَ ڪهڙي نه خوفناڪ ناداني

ڇئبي! پر انسان ڏيپ وچان ڪجھ، به ڪرڻ لاءِ تيار نٿي ٿو. مان ڀانيان ٿو تہ ڌرم انسان جي ڏيپ مان ئي پيدا ٿيو آهي.

سو ڪابہ ڳالھہ، جا ڏيپ جو نتيجو هجي، سا تہ ضرور نقصانڪار ئي ڇئبي. پر اسان کي خبر آهي تہ ڌرم اسان ۾ ڪيترا ئي سنسڪار ۽ سهڻا خيال بہ وجهي ٿو ڏون جڏهن وڏي ٿيندين تڏهن سوچھ، پوڇھ، پوندءِ تہ ڪيئن نہ ڌرم جي نالي تي، ڇگيون تـوڙي خراب ڳالھيون دنيا ۾ هلن ٿيون. پـر ايتري تہ پڪ آهي تہ ڌرم جي جنم جو ڪارڻ اهو ڏيپ ئي آهي. خير. هونءَ ڌرم ڪري کهڙو بہ چڱو هجي پـر ايتري تـہ اسان کي بہ خبر آهي تہ اڄ ڏينهن تائين بہ اهو ڌرم ئي آهي جنهن جي نالي تـي هيترا جهيڙا جهڳڙا ۽ موت ٿين ٿا. ڪيترا ماڻهو تہ اڄ ڏينهن تائين بہ فقط ڏيپ وچان ئي ڌرم جي اوٽ وٺندا آهـن. هو سدائين خيالـي ديون ۽ ديوتائن کي راضي ڪرڻ لاءِ پيا رکو مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ پيشائون رکندا ۽ ٻليون چاڙهيندا آهن.

# پورهئي جي ورڇ

پياري اندرا،

اڳئين زماني جا ماڻهو سستن وانگر وقت جو زيان ڪڏهن به ڪونه ڪري سگهندا هوندا. هنن کي ته پيٽ پالڻ لاءِ سدائين پيا ڪشالا ڪڍڻا پوندا هوندا. ان ڏينهن ۾ ائين ڪونه هو جو ماڻهو پنهنجو قوت گذران خوب ڪٺو ڪري ۽ پوءِ ڏينهن جا ڏينهن پيو عيش آرام ۾ گذاري. جڏهن جماعتون ڏهيون هونديون تڏهين ڪي قدر سولائي ٿي هوندن. ڇاڪاڻ ته يڪي سر نٿا ٿي سگهن سي به جماعت جي مدد سان ڪري سگهجن ٿا: انهن ڏينهن ۾ ٻيو قدم جو ماڻهن کنيون سو هو پوک ۽ کيتي جو ڪم، انهي کان پوءِ ماڻهن کي قوت گذران ڪرڻ ڪجهه قدر سولو ٿيو هوندو، ماڻهن کي سڄو ڏينهن شڪار جي ڳولا ۾ رلڻ جو ضرور ڪونه ٿيو هوندو. مردن پنهنجي لاءِ کيتيءَ جو ڪم چونڊيو ۽ زالن وري چوپائي مال چارڻ، ڏهڻ ۽ ٻيو گهر ۽ ٻارن جو ڪم پاڻ تي کنيون. اهڙيءَ طرح ڪم جي ورڇ شروع ٿي. اڄ ته دنيا ۾ ڏسين ٿي ته ڪيترين قسمن جا ڌنڌا ۽ ڪم نڪري پيا آهن، سيڪو

پنهنجي نموني جو خاص ڪم پيو ڪري. ڪو انجنيئر
ته ڪو ڊاڪٽر ڪو واڍو ته ڪو لوهار، ڪو مزدور
ته ڪو موچي ته ڪو درزي، سڀڪو ماڻهو پنهنجي
پنهنجي ڌنڌي ۾ ڏيئي چاڙهو آهي، انهيءَ کي ڇيهو آهي
پورهئي جي ورڇ يا ورهاست. جي ڪو ماڻهو هڪ ڏيئي
ڪم کي لڳندو ته سياڻپ اهو وڏيڪ سٺو ڪري
سگهندو. جي گهڻن ڪمن ۾ خيال ڊوڙائيندو ته سياڻپ
ڪنهن به ڪم ۾ هوشيار ڪونه ٿي سگهندو. انهيءَ
ڪري ته اڄ دنيا جا ڪم ڪارون ورهائجي ويا آهن
اسان ڏٺو ته پهرين سڌاري ڏانهن قدم جو انسان ذات
ڪنيون سو هو جماعتون ٺاهڻ. هاڻي ٻيو اٿيئي هيءُ
پورهئي جي ورهاست جو طريقو.

# ٻوڪ ۽ ان جا نتيجا

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته پورهئي جي ورهپ ڪيئن شروع ٿي. پهرين پهرين ڪم جي ورهپ مردن ۽ زالن جي وچ ۾ ٿي هوندي. مرد شڪار جو ڪم ته زالون گهر ٻار ۽ چوپائي مال جو ڪم ڪرڻ لڳيون هونديون. پر جڏهن ٻوڪ ۽ کيتيءَ جو ڌنڌو شروع ٿيو تڏهن مردن جي وچ ۾ به پورهئي جي ورڇ جو طريقو چالو ٿيو. ڪي شڪار جي ڌنڌي کي لڳا، ته ڪي وري ٻوڪ ۽ کيتيءَ کي. ٻيا به ڪيترائي ڌنڌا ڌاريون نڪرڻ لڳا جن ۾ ماڻهو ويا پاڻ کي ماهر ۽ هوشيار ڪندا. کيتيءَ جي ڌنڌي جو ٻيو هڪ سٺو نتيجو هيءُ نڪتو جو ماڻهو ڳوٺ ٻڌي هڪ هنڌ ٽڪاڻو ڪري ويٺا. نه ته ماڻهو رولن وانگي ٻيا پيٽ قوت لاءِ ڀٽڪندا هئا. پر هڪ هنڌ ٿاڻو ڪري وهڻ جو ضرور به ڪونه ٿي پين. فقط پيٽ قوت لاءِ شڪار ۽ ڦل ڦول ڪپندو هون سو ته ڪٿان به هٿ ڪري سگهندا هئا. ٻيو ته چوپائي مال چارڻ جي خيال کان به گهڻو رلڻو پوندو هون، جتي ساوڪ نظر ايندي هئن اتي ڪاهي

هڪڙا ته موجون مائين پيا، ڏس هي ڪهڙو نه بي انصافيءَ
جو خيال آهي ته انهي بي انصافي ۾ اڻ پوري ورهپ جي
ڪري ٿي دنيا ۾ غريبي وڌي آهي، هينئر اها ڳالهه
سمجهڻ تنهنجي لاءِ البت ڏکي آهي، پر فڪر نه آهي،
ٿوري گهڻي ڏينهن تون پاڻيهي چڱيءَ طرح محسوس
ڪري سگهندينءَ، هينئر فقط تون اها ڳالهه ڌيان ۾ رکج
ته گهرج کان وڌيڪ ان جي پيدائش ٿيڻ ڪري ٿي
ڪٺي ڪرڻ جي ريت چالو ٿي، انهن ڏينهن ۾ ڪي
بئنڪون ڪو نه هيون جو پيسو ڪٺو ڪري سگهجي
شاهوڪار اهو ليکجڻ ۾ ايندو هو جنهن وٽ ان جون
گنديون ۽ چوپايو مال جام هوندو هو.

# مکيءَ جو زور وڌڻ

پياري اندرا،

اميد ته توکي منهنجا خط اڻ وڻندڙ ڪونه لڳندا هوندا. توکي ياد هوندو ته اڳئين خط ۾ مون توکي سمجهايو ته اڳين ڏينهن ۾ هر ڪا شيءِ سڄي جماعت جي ملڪيت ليکجڻ ۾ ايندي هئي ۽ ڪنهن به خاص انسان جو ان تي ڪو خاص حق ڪونه هوندو هو. خود جماعت جو وڏيرو به پنهنجو خاص حق ڪونه ڄمائي سگهندو هو. هو به جماعت جي ٻين ماڻهن وانگي فقط حصيدار هوندو هو. پر چاڪاڻ ته هو جماعت جو مکي هو تنهن ڪري سڀاويڪ مالي سرشتي جو انتظام سندس هٿ هيٺ رهندو. آهستي آهستي جيئن اهو طاقت وارو ٿيندو ويو تيئن سڀني جي ملڪيت جا سندس هٿ هيٺ رهندي هئي تنهن جو پاڻ کي مالڪ سمجهڻ لڳو. کيس اهو وسرڻ لڳو ته ملڪيت عام جي آهي ۽ کيس فقط سنڀالڻ لاءِ ملي آهي. کيس جو مهنداريءَ جو عهدو مليو سو سمجهڻ لڳو ته مان ڏي آهيان. ملڪيت تي حق ڏي منهنجو ٿيڻ کپي. هو خود مطلبي ٿي پيو ۽ منجهس ٻيائيءَ جو انگ پيدا ٿيڻ لڳو. هاڻي

تہ ڏس تہ دنيا ۾ ڪيئن نہ فقط ”منهنجي“ ”منهنجي“ لڳي پيئي آهي. شروعات ۾ سڀ ڪا ڳالهہ عام جي ڀلي لاءِ شروع ٿي پر پوءِ سڀ ڪنهن ڪي پنهنجي اچي لڳي آهي. جماعت جو اڳوڻ جڏهن مرندو هو تڏهين سڄي جماعت پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري ٻيو اڳواڻ ان جاءِ تي ٺاهيندي هئي. پر گهڻو ڪري اڳئين اڳواڻ جي آڪهہ مان ئي ڪنهن نہ ڪنهن کي چونڊيندا هئا، ڇاڪاڻ جو سمجهندا هئا تہ هو اڳئين اڳواڻ جو ويجهو مائٽ هئڻ ڪري انتظام جي ڪم مان چڱي پر واقف ۽ آزمودگار هوندو. اهڙي ريت ساڳيءَ آڪهہ مان چونڊڻ جو رواج پيو ۽ ورثي جو حق جاري ٿيو. سياويڪ مهندار پنهنجي ئي پٽ يا ڀاءُ کي سڀ ڳالهيون سيکاريندو هو تہ سندس موت کان پوءِ اهوئي وارث ٿئي. نيٺ تہ اهو رواج ٿي ويو تہ مرڻ مهل اڳواڻ جنهن کي چونڊيندو هو تنهن کي ئي سندس عهدو ملندو هو. شروعات ۾ جماعت جي عام ماڻهن کي اهو آپيشاهيءَ جو سرشتو نہ بہ پسند آيو هجي، پر لاچار سڀ هري ويا ۽ پاڻکي اڳواڻ جا ئي غلام سمجهڻ لڳا. ملڪيت جا شروعات ۾ عام جي ليکيجڻ ۾ ايندي هئي سا هيئنر فقط خاص آڪهہ جي هٿ هيٺ اچي ويئي، ۽ دنيا ۾ ٻيائيءَ جو انگ زور پوڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو دنيا ۾ ڪي غريب تہ ڪي شاهوڪار ٿي پيا. ملڪيت عام جي هٿ مان نڪري وڃي ڪن خاص ماڻهن جي

هٿ ۾ قابو ٿي جنهن جي زور تي شاهوڪار غريبن
کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ لڳا. اڳي جماعت جا سڀ ماڻهو
جماعت جي ڀلي لاءِ ڪم ڪندا هئا ۽ حصو به
سڀني کي هڪ جيترو ملندو هو، پر اڳواڻ جي زور
پوڻ سان سڄو قصو ڏانوان ڏول ٿي پيو دنيا ۾ غريبي
۽ بي انصافي وڌڻ لڳي.

# مکي ڪيئن ٿيو

پياري اندرا،

مان سمجهان ٿو ته هيستائين منهنجا خط وچن تا البت ڏکيا ۽ منجهيل ٿيندا. پر چا ڪجي خود حياتي ئي ڏينهون ڏينهن پوءِ ڏکي ۽ منجهي ٿيندي ٿي وڃي. اڳين ڏينهن ۾ ته حياتي سادي سودي هوندي هئي، پر هاڻي اسين انهن وقتن تي آيا آهيون جڏهن حياتيءَ ڏکيو ۽ منجهيل ڦيرو کاڌو آهي. اسين جيڪڏهن ڌيان ڏيئي جاچي ڏسنداسين ته حياتيءَ ڪيئن ڦيرو کاڌو آهي ته اسانکي اڄوڪيءَ دنيا ۾ جو ڀيو وهي واپري تنهن جي بـه اسانکي پوريءَ ريت پروڙ ڪين پوندي. اسين به ٻي سمجهه ٻارن وانگي اونداهي ٻيلي ۾ واٽ وڃائي وهنداسين. اهو ئي سبب آهي جو مان توکي هٿ تي موٽائي اصل ٻيلي جي منهن ڏانهن ڀيو وٺي وڃان انهي لاءِ ته تون پاڻيهي ان منجهان پنهنجي لنگهڻ جو رستو ڳولي سگهين. ياد اٿيئي ته هڪ پيرو مسوريءَ ۾ تو مون کان راجائن بابت ڪي سوال پڇيا هوا، ته راجائون ڇو ٿيا ۽ ڪيئن ٿيا؟ هاڻي مان توکي اشاري طور ٿورو ٻڌائيندس ته شروعات ۾ راجائن ٿيڻ جي ريت ڪيئن پيئي. پر تن

ڏينهن ۾ راجائن کي ”راجا“ ڪونه سڏبو هو. انهنکي
مکي يا وڏيرو ڪري چئبو هو. مون توکي اڳ ۾ ئي
ٻڌايو آهي ته جماعتون ڪيئن ٺهيون. جڏهن کيتي ۽
ٻوڪ جو ڌنڌو چالو ٿيو ۽ ڪم جي ورهپ شروع ٿي
تڏهن هرهڪ ٽوليءَ کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي مقرر
ڪرڻ جو ضرور پيو جو سڄيءَ ٽوليءَ جي جوابداري
ٻه کڻي ۽ ڪيس وقت به ڌارين جي ڪاهه يا
ڪنهن ٻه آفت کان بچائي. جيڪو سڀني کان وڌيڪ
بزرگ ۽ آزمودگار هوندو هو تنهن کي پنهنجو مکي
۽ مهندار ٺهرائيندا هئا. پر تن ڏينهين اهو مکي به
جماعت جي ٻين ڀاتين وانگي پورهيو ڪندو هو ۽
پنهنجي ڪمائيءَ جو حصو به فقط ٻين جيترو وٺندو
هو. جيڪا ڪٺي ڪمائي ٿيندي هئي سا سڄي جماعت
جي ملڪيت ليکجڻ ۾ ايندي هئي. اڄ ڪلهه وانگي
ڪين هو جو سڀ ڪنهن کي رڳو پنهنجي لڳي پيئي
آهي. ڪوبه هڪ ڄڻو جماعت ۾ ڪٿي وڌيڪ ڪمائيندو
هو ته به سڀني سان ونڊي ورهائي کائڻ لاءِ ٻڌل هوندو
هو. وڏيري جو ڪم هوندو ته ڪنهن به ٻه-اڪيائيءَ
يا پاسخاطريءَ کان سواءِ مال جي ورهپ ڪري. پر
آهستي آهستي وقت ڦيرو ڪاڌو. نوان ڪم وڌي ويا
جنهن ڪري مکي سڄو وقت ڪم جو بندوبست رکڻ
۾ ئي رڌل رهندو هو ۽ ڪيس ٻين جيان پورهيو ڪرڻ
جو وقت ئي ڪونه ملندو هو. انهي ڪري هو ”عام“

مان ڦري ”خاص“ ٿي پيو. هاڻي ڏس ته ڪيئن نه هرڪا
جماعت پنهنجي پاڳن ۾ ورهائجي پيئي. هڪڙا ٿيا مکي جن
جو ڪم هو مٿين نظرداري، حڪمراني ۽ بندوبست ڪرڻ
۽ ٻيا ٿيا زيردست جن جو فرض هو پورهيو ڪرڻ ۽ مکيءَ
جو چيو مڃڻ. خاص ڪري جنگ جي وقت ۾ ته مکي
تمام زبردست ۽ طاقت وارو ٿي پوندو هو. چاڪاڻ ته
ان جي اڳواڻيءَ کان سواءِ عام ماڻهن جو لشڪر
وڙهي ڪونه سگهندو هو. پر پوءِ آهستي آهستي جڏهن
انتظامي ڪم تمام گهڻو وڌي ويو تڏهن مکيءَ پنهنجي
مدد لاءِ ٻيا پاڻيوار ٻه چونڊي رکڻ شروع ڪيا سو
هاڻي هرڪا جماعت پنهنجي پاڳن ۾ ورهائجي ويئي. هڪڙا
ٿيا ڪم ڪندڙ، ٻيا ٿيا ڪم ڪرائيندڙ. انهيءَ ريت
انسان ذات مان هڪ جهڙائي نڪري ويئي. هڪڙا ٻين
کان طاقت وارا ٿي ويا. هاڻي هن خط ۾ مان توکي
ٻڌائيندس ته مکيءَ ڪيئن طاقت هٿ ڪئي.

# مکيءَ جو راجا ٿيڻ

پياري اندرا،

مان ٻاڌايان ٿو تہ ھن مکيءَ (Patriarach) اسانجو گھڻو وقت ورتو آھي. ھاڻي جلدي سندس پوراڻي ڪنداسين. مون توسان انجام ڪيو ھو تہ توکي ٻڌائيندس تہ راجائون ڇو ٿيا ۽ ڪيئن ٿيا. سو توکي اھا راجائيءَ جي ابتداءَ سمجھائڻ لاءِ مون کي شروعات ڪان وٺي يعني (Patriarach) سان ڏي شروع ڪرڻو پيو. تون اھو پاڻيھي سمجھي ويئي ھوندينءَ تہ اھو مکي يعني (Patriarach) ڏي ھو جو نيٺ راجا ٿيو. (Patriarach) اکر لئٽن ٻوليءَ جي (Pater) اکر مان نڪتل آھي. جنھن جي معنيٰ آھي 'پيءُ'. (Patria) معنيٰ پتا ڀومي يعني پنھنجي ابن ڏاڏن جو ملڪ، اسين ھندستاني پنھنجي ملڪ کي ماتر ڀومي سڏيندا آھيون. توکي ڪھڙو ٿو وڻي؟

مکيءَ جي گادي، جڏھن پيءُ کان پٽ وٽ ورثي طور ملڪيت ٿي چڪي، تڏھن سياويڪ مکيءَ کي بہ راجائي طاقت ملي چڪي. اھا طاقت اچڻ سان چارلس پھرين کي ساري رعيت جو راج ڪڙو ڪيو ويو. فرانس جي ماڻھن ۾ بہ وڏو فساد اٿيو ۽ نيٺ انھن بہ

راجائي جو طريقو ڊاهي رعيت جو راڄ ڪرڻو ڪيو. پئرس ۾ مان توکي (Conciergeie) جيل ۾ وٺي هليو هوس، جتي بادشاه جي ڪٽنب جا ماڻهو بند هئا. تون اهو به پڙهندين ته ڪيئن رشيا ۾ انقلاب آيو ۽ ڪيئن انهيءَ ماڻهن پاڻ کي زار جي ظلم کان آزاد ڪيو. خير هاڻي ته اهو زمانو آيو آهي جنهن ۾ ڏسجي پيو ته بادشاهن جي راڄ جا ڏينهن پورا ٿيا آهن ۽ رعيت جو وارو آيو آهي روس فرانس، جرمني، آمريڪا سئيزر لئنڊ، چين ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ رعيت جو راڄ آهي. اتي بادشاهه آهي ئي ڪونه. وقت بوقت عام ماڻهو پنهنجو اڳواڻ پاڻ چونڊيندا آهن. انهن اڳواڻن کي اهو حق ڪونه ڏنو ويو آهي ته مئي پڇاڻان، پنهنجي مرضي پٽاندڙ پنهنجي آڪهه مان ڪنهن کي به وارث چونڊين. اهو حق ماڻهن پنهن جي هٿ ۾ رکيو آهي. پر خبر اٿيئي ته انگلنڊ ۾ اڃان به بادشاهت آهي. پر فقط نالي طور آهي، بادشاهه کي ڪابه طاقت ڪانهي. طاقت سڄي پارليمينٽ جي هٿ ۾ آهي، جنهن جا ميمبر وري عام ماڻهو چونڊين. توکي ياد هوندو ته لنڊن ۾ مون توکي پارليمينٽ ڏيکاري هئي. پر اسان جي هندستان ۾ اڃا تائين به راجائون ۽ مهاراجائون ۽ نواب آهن. تون ڏسندينءَ ته هو ڪيترا نه پئسا پيا پاڻ تي خرچين ۽ ڪيڏي نه ٺاٺ سان محلاتن ۾ ٿا رهن ۽ موٽرن ۾ ٿا گهمن. خبر اٿيئي ته هو ايترا پئسا ڪٿان

ٿا آئين؟ هو اهي سڀ پيسا ماڻهن تي ڍلون وجهي، انهن کان اڳاڙين ٿا. سچ پچ ماڻهن تي ڍلون وجهيون ٿي ايتري لاءِ آهن، ته جيئن پيسا گڏ ڪري ماڻهن جي ڀلي لاءِ خرچ ڪجن. اسڪول، اسپتالون، ميوزم، لئبريريون، رستا ۽ باغ وغيره ٺهرائجن. پر اسان جا راجائون ته ائين ٿا سمجهن ڄڻ ڪين خدائي حق آهي ته عوام جا پيسا جيئن وڻين تيئن لٽين. رعيت ڀلي ڀئي بکـ ۾ پاهه ٿئي، غريبن جي ٻارن کي ڀلي ته علم نه ملي، جيڪي وڌن ۽ پورهيو ڪن ۽ جن جي محنت ۽ پورهئي ڪري ملڪ جي ملڪيت وڌي ۽ ملڪ آباد ٿئي، سي ڀلي ته، بکن ۽ ڏکن ۾ پيا ڦٿڪن پر هي راجائون محلاتن ۾ پيا عيش عشرتون مائين.

# پراچين سڀيتا

پياري ندارا،

مان پاپانٽو اسان مڪين بابت گهڻوئي سمجهيو آهي. هاڻي مان توکي، پراچين سمي جي سڀيتا بابت ڪجهه ٻڌائيندس. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن جي ماڻهن جي بہ اسان کي ڪا گهڻي خبر ڪانهي، پر تہ بہ (Palateolihic & Neolithic) ڇهوني ۽ نئين پٿري جڳ جي ماڻهن کان ڪي قدر وڌيڪ سڃاڻون. ڇاڪاڻ تہ اڄ ڏينهن ڏائين بہ انهن ماڻهن جي ڏينهن جا مڪان ۽ مندر زبون حالت ۾ ڏسي سگهبا. انهن جي ڪاريگري ۽ اوزارن جي ڊول مان ڪي قدر معلوم ٿي سگهي ٿو تہ هو ڪيتري قدر سڌريل هئا. خاص ڪري انهن جي ٻتن، مورتن ۽ نقش نگاري جي هنر مان تہ سندن گهڻيئي ڳالهيون پڌريون ٿي سگهن ٿيون.

اسين اهو پڪيءَ طرح سان چئي ڪونہ سگهنداسين تہ شروعات ۾ ماڻهن، ڪيئن، ڪٿي ڪيون. ڪي چون ٿا تہ ڪن ڏينهن اڄ جتي ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي، اتي ائٽلانٽس جو وڏو شهر هو، جتي تمام سڌريل ماڻهو رهندا هئا، پر پوءِ انهي شهر کي سمنڊ ڳائي ويو هينئر تہ سندس نشان بہ ڪونهي. خير، اهي ڳالهيون

سڀ آڪاڻيءَ طور آهن، ڪابه پڪي ثابتي ڪانهي.

ڪي وري چون ٿا ته ڪن ڏينهين جهوني آمريڪا ڏاڍي سڌريل حالت ۾ هئي. توکي خبر آهي ته آمريڪا ڪولمبس ڳولهي ڪڍي هئي. تنهن جي معنيٰ اها ڪانهي ته ڪو ڪولمبس کان اڳ آمريڪا هئي ڪونه، پر فقط سندس پتو ڪونه هو. ڪولمبس جي وڃڻ کان اڳ ۾ به اتي جا ماڻهو سڌريل هئا. اتر آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي شهرن، يڪتان ۽ پيروءَ جي پڪن محلاتن جي نشانين مان اها ثابتي ملي سگهي ٿي. يوريشيا يعني يورپ ۽ ايشيا ۾ وري چون ٿا ته ميسو پوٽيما، ايجپٽ، هندوستان ۽ چينا تمام سڌريل حالت ۾ هوا.

رلندڙ قومن جڏهين هڪ هنڌ بيٺڪ ڪرڻ جو خيال ڪيو هوندو، تڏهين تون سمجهي ٿي ته ڪهڙي زمين پنهنجي لاءِ چونڊي هونداڻون، اها زمين جنهن مان هنن کي کاڌو ملي سگهيو هوندو، يعنيٰ جتي پوک سولائيءَ سان ٿي سگهي هوندي. هاڻي پوک اتي ٿي سگهي هوندي، جتي پاڻي جام هوندو. توکي خبر آهي ته جي ڪنهن سال برسات گهٽ پوندي آهي ته فصل سکي ويندو آهي ۽ ملڪ ۾ ڏڪر اچي پوندو آهي. تنهن ڪري انهن پنهنجي بيٺڪ اتي ڪئي هوندي جتي کين، پاڻي ملي سگهيو هوندو، يعنيٰ ندين جي ڪنارن تي. ميسوپوٽيما ۾ ماڻهن ٻن وڏين ندين ٽائگريس ۽ يوفريٽس جي وچ ۾ بيٺڪون

# ايجپٽ ۽ ڪريٽ

پياري اندرا،

تو فوٽن ۾ ايجپٽ جا پرئمڊس ۽ اسفنڪس (Sphinx & Pyramids) ڏٺا آهن. اسفنڪس هڪ وڏو شاهي پٿر جو بت آهي جنهن جو منهن زال جو ۽ ڌڙ شينهن جو آهي. زال جي مک تي اهڙي ته عجيب مشڪ آهي، جو ڪوبه سمجهي نه ٿو سگهي، ته هن وچٽر مشڪ جو راز ڇا آهي. انهي ڪري جنهن شيءِ کي نه سمجهي سگهبو آهي تنهن کي اسفنڪس ڪري سڏبو آهي. اڄ ڏينهن تائين به انهيءَ بت جي عجيب رچنا هڪ پروليءَ مثل آهي. پرئمڊس وري ايجپٽ جي بادشاهن، جن کي (pharoahs) فرعون ڪري سڏبو هو، تن جون قبرون آهن. تو کي ياد هوندو ته مون تو کي لنڊن (Egyption Mnmmie) ايجپٽ جون موميائون ڏيکاريون هيون. واسيل ۽ سڪايل لاش تنهن کي (Mummy) موميا سڏبو آهي. فرعون جڏهين مري ويا تڏهين هنن جي بتن کي به تيل ۽ مصالو لڳائي اندر پرئمڊس ۾ رکيائون، انهن جي پرسان وري سون، روپ ۽ ٻيو سامان سرو به رکيائون ته متان مٿي ڪان پوءِ به ڪنهن شيءِ جي،

وڇون رڳو پيا ڪاڙو ڏيندا هئا. سون توکي اڳي به سمجهايو آهي ته ڌرم جو بنياد فقط ڊپ آهي. قدرت جا نيم نه سمجهڻ ڪري ماڻهو ڊپ وچان گهڻيئي اهڙيون واهيات ڳالهيون پيا ڪندا هئا. ٻل چاڙهڻ جي ريت به ڊپ ڪان پيئي. ديوتا خيالي سروپ ناهي تن کي ويهي پوڇيندا هئا. ڪا به آفت ايندي هئن ته اڻ چاڙائيءَ ڪان ڊڄي ويندا هئا. ديوتائن کي خوفناڪ سروپ ڏيڻ سو به ڊپ جوئي نتيجو آهي. هيو ته ڇڏ پر خبر اٿيئي ته ايجپٽ ۾ ماڻهو نائيل نديءَ ۾ ٻار به اڇلائيندا هئا ته 'پتا ندي' راضي ٿئي. شڪر جو هينئر اهڙيون واهيات ڳالهيون ڪونهن. پر تڏهين به اڃا ڪئي جهنگلي ۽ اڻ ڄاڻ قومن ۾ اهڙي قسم جا ڊپ گهڻيئي آهن. توکي خبر آهي ته هندستان ۾ اڃا به ڪن ڪن پاڳن ۾ ٻل چاڙهڻ جو رواج چالو آهي. ڏس هيءَ ڪهڙو نه واهيات ڌرم چئبو! ايشور به ڪڏهين اهڙين ڳالهين تي راضي ٿيو آهي! اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ته پاڻ ايشور جي بي عزتي ڪرڻي آهي.

# هندستان ۽ چينا

پياري اندرا،

اسان ڏٺو ته قديم زماني ۾ ٻهريان ملڪ جي سڌريل حالت کي رسيل هئا سي ميسو پوٽيما، ايجپٽ، چينا ۽ هندستان. چينا ۾ به ماڻهن فقط انهن هنڌن تي ٻيڪون کيون جتي چشما ۽ نديون هيون. انهن ماڻهن کي منگولين ڪري سڏيندا هئا. اهي ماڻهو لوهه ۽ پتل مان تمام سٺيون شيون ٺاهيندا هئا. واهه، ڪوٺي ۽ سهڻين عمارتن اڏڻ ۾ چينا جا ماڻهو اڪابر ٿي ڏٺا. هنن هڪ نئين قسم جا اکر ڳولهي ڪڍيا جي هندستاني يا انگريزي اکرن کان بلڪل نرالي نموني جا هئا. اهي مورتن مثل هئا. هرهڪ جملو يا اکر ڪنهن نه ڪنهن ننڍڙي مورت مثل هو. تو ميوزم ۾ اهڙي قسم جي ٻولي ڏٺي آهي. اها ٻولي چينا ۾ اڃا به ڪٿي ڪٿي چالو آهي. اها ٻولي ساڄي يا ڏاڍي پاسي کان ڪونه شروع ٿئي، پر مٿان هيٺ، يعني هڪ ٻئي هيٺان لکي ۾ اچي. انهن اکرن کي (Hieroglyphic) يعني مورتي اکر چوندا آهن. هندستان ۾ اڃا به ڪٿي ڪٿي قديم زماني جون عمارتون ڌرتيءَ هيٺ دٻيل ليون لڀنديون آهن. اتر هندستان

چينا کي ڌارين جي ڪاهن کان بچائڻ لاءِ اڏي ويئي هئي. سندس ڊيگهه ۱۴۰۰ ميل، اوچائي ۳۰ فوٽ ۽ ويڪر ۲۵ فوٽ آهي. وچ وچ ۾ قلعا ۽ منارا اٿس. هندستان ۾ جيڪر اهڙي پٽ ٺاهجي ته جيڪر ڏکڻ ۾ مدراس کان وٺي اتر ۾ لاهور تائين ٿئي. چينا جي اها پٽ اڄا تائين قائم آهي.

# درياهي مسافرين ۽ واپار

پياري اندرا ؛

پراچين زماني ۾ هڪ ٻي به قوم هئي جنهن کي (Phoenicians) فنيشنس جي قوم ڪري چوندا هئا. انهي قوم کي اسين هينئر عربي ۽ يهودي ڪري سڏيندا آهيون. اها قوم ايشيا مائنر جي الهندي ڪناري تي رهندي هئي جنهن کي هينئر ترڪي سڏجي ٿو. اهي ماڻهو واپاري مسافرين لاءِ مشهور هوندا هئا. هو ميڊيٽرين سمنڊ تي انگلنڊ تائين مسافريون ڪندا هئا. شايد هندستان ۾ به آيا هجن. هينئر اسين انهي زماني تائين آيا آهيون، جنهن ۾ مسافريون ۽ واپار شروع ٿيڻ لڳو آهي. تن ڏينهن کي هاڻوڪي نموني جهڙا جهاز ڪونه هئا. وڻن جي ڪاٺين مان ننڍڙيون ٻيڙيون ٺاهيندا هئا جن ۾ طوفان جي جهولن کان بچڻ لاءِ ڪابه سلامتي ڪانه هئي. تن ڏينهن درياهي مسافريون ڪيڏيون نه پوائتيون ۽ جوکائتيون هونديون! خيال ته ڪر ته هيڏڙين ٻيڙين ۾ هيڏا سمنڊ پار لنگهڻ، ڪهڙي نه عجب جهڙي ڳالهه چئبي! سڀ-وقت منجهس ٻڏڻ جو خوف هوندو. ٿوري ڏي هوا تي پيئي ٻيڙي ڪُوجهولندي هوندي. مهينا

اولهہ جي ملڪن مان ٿو اچي. اهڙيءَ طرح اسان جي ملڪ ۾ پيون بہ گهڻيئي شيون ڌارين ملڪن جهڙوڪ انگلنڊ، جپان ۽ امريڪا کان ٿيون اچن. هاڻي مان توکي پرديسي ڪپڙي بابت ٿـو ٻڌايان. خبر اٿئي تہ اهو پرديسي ڪپڙو ٺهندو اسان جـي ديسي ڪپهہ مان اٿئي. ڪپهہ جا اسان جي هندستان ۾ ايري سا جهازن ۾ چڙهي وڃي انگلنڊ. اتي جا ڪارخانا اها خريد ڪري ان کي صفا ڪن. منجهانئس ڌاڳو ٺاهين، جنهن مان وري ڪپڙو اڻجي موٽي اچي هندستان ۾ وڪامي. ڏس تہ سهين تہ ويچاري هندستان جي ڪپهہ کي ڪپڙي جي صورت ۾ اچڻ لاءِ ڪيڏيون نہ مسافريون جهاڳڻيون ٿيون پون! ڏس اها کهڙي نہ واهيات ڳالهہ پيئي لڳي! ڪپهہ هندستان جي ۽ ڪپڙو ٺهي انگلنڊ ۾!! جيڪڏهن هندستان جي ڪپهہ مان هندستان ۾ئـي ڪپڙو ٺهي تہ ڪيڏو نہ جيڪر ملڪ کي فائدو رسي! نہ جيڪر وقت ۽ پيسي جو ئـي زيان ٿئي، نـہ جيڪر ملڪ جي هنر کي ئي ڌڪ لڳي. توکي خبر آهي تہ اسين ولايتي ڪپڙو ڪونہ خريد ڪندا آهيون. اسين فقط چرخي جي ڪتيل ڪادي پهريندا آهيون: تون پڇندينءَ تہ ڇو؟ ٻڌ، ڪادي خريد ڪرڻ سان اسين غريب ڪتيندڙن ۽ اڻندڙن کي روزگار پهچائي سگهون ٿا. تنهنڪري پنهنجي ديس جي ڀلـي لاءِ پنهنجي ديس جـون ٺهيل شيون واپرائڻ ئـي سياڻپ جي ڳالهہ آهي. انهين ڪرڻ سان ملڪ جو پيسو

هوندن. ڀهرين جنهن ماڻهوءَ اهو سکن وسيلي مٺا سٺا
جو رستو ڳولهي ڪڍيو هوندو سو ڪهڙو نه دماغي
پرش ڇئبو! هائي تون سمجهي سگهندين ته روپين،
يا پين سکن کي پنهنجي سر ڪوبه ملهه ڪونهي. اهي
ملهائتا فقط انهي ڪري آهن جو انهن جي مدد سان
مٺا سٺا سولي ٿي سگهي ٿي. توکي ميڊاس بادشاه جي
آکاڻيءَ جي خبر آهي ته جڏهين هن جون سڀ شيون
سون ٿي سون ٿي پيون تڏهين ڪهڙو نه اچي منجهانئس
بيزار ٿيو. پيسي جو قدر فقط انهي ڪري آهي جو
انهي جي مدد سان گهرج جون شيون حاصل ڪري
سگهجن ٿيون. پنهنجي سر سڪا توڙي نوٽ ڪنهن به
ڪم جا ڪونه آهن. پر تڏهين به تون ڏسندينءَ ته دنيا
۾ اهڙا گهڻئي بي سمجهه ۽ ڪنجوس ماڻهو پيا آهن
جي پيسي کي ڪتب ڪونه آڻين پر رکو پيا ميڙين
۽ سانڍين، ڇو ته کو پيسا پنهنجي سر ملهائتا آهن.

# انگن، اکرن ۽ ٻوليءَ جو جنم

پياري اندرا،

مون توکي اڳ ۾ ڏي ٻولين جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو يا مٽي مائٽي سمجهائي آهي. هاڻي اچ ته مان توکي ٻڌايان ته ٻوليون ڪيئن ٺهيون. تون جاچيندينءَ ته سمجهي سگهندينءَ ته جانورن کي به پنهنجي ٻولي آهي جنهن سان هو پنهنجي اندر جا جذبا ظاهر ڪندا آهن. چون ٿا ته پولڙن جا به ڪي آواز يا ڪيڪون آهن جن سان انهن کي سمجهي سگهبو آهي تو ڏٺو هوندو ته جانور جڏهين ڊڄندا آهن تڏهين هڪ قسم جون ڪيڪون يا آواز ڪري هڪ ٻئي کي سجاڳ ڪندا يا چتائيندا آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا به آواز اٿن جن سان هو پنهنجي پيار، ڊپ وغيره جا جذبا ظاهر ڪندا آهن. اسانجي ٻولي به شروعات ۾ ائين شروع ٿي هوندي. پهرين انسان به شايد رڳي ڪي آواز ڪندو هوندو جنهن مان سندس ڊپ، چتاءُ وغيره جو مطلب ظاهر ٿيندو هوندو. تو ڏٺو هوندو ته مزور جڏهين گڏجي ڪم ڪندا آهن تڏهين هڪ قسم جو آواز ڪندا آهن. يا جڏهين ڪو ڳورو بار کڻندا آهن تڏهين به هڪ قسم جو آواز ڪندا

هو. البت انهي نموني گهڻو ڪونه لکي سگهبو پر تہ
بہ وقت ٽپائي سگهبو. پر پوءِ آهستي آهستي مورتن کي
گهٽائيندا ويا اکرن جيڏڙو ڪندا آخر تہ نيٺ اچي
الف بي گُولي ڪڍيائون. پوءِ تہ لکڻ (Alphabet)
سولو ٿي پيو هوندن. پهرين پهرين جنهن انگ گُولهي
ڪڍيا هوندا تنهن کي تہ آفرين هجي. انگن کان سواءِ
ڪنهن بہ قسم جو ڏنڊو يا واپار مشڪل ٿي سگهندو.
يورپ جا پهريان انگ تہ ڏاڍا منجهيل هئا. انهن کي
رومن انگ ڪري چئبو آهي. I,II,III,IV,V,VI,VII,
VIII,IX,X. هائي جيڪي انگ 1,2,3,4,5,6,7,8,9,10.
ڪتب ايندا آهن سي وڌيڪ سولا آهن. انهن کي عربي
انگ چئبو آهي. چاڪاڻ تہ اهي عربن گُولهي ڪڍيا.
پر عرب بہ هندستانين کان سکيا هئا تنهن ڪري حقيقت
۾ انهن کي هندستاني انگ ڏي چوڻ کپن.

# انسان ذات جا فرقا

پياري اندرا،

رواجي طرح چوکرن، چوکرين، ٽوڙي وڏن کي عجيب نموني ۾ تواريخ پاڙهي ويندي آهي. انهن کي فقط بادشاهن ۽ مکيه ماڻهن جا نالا، جنگين وغيره جون تاريخون ياد ڪرايون وينديون آهن. پر حقيقت ۾ تاريخ پڙهڻ جو اهو مطلب اصل ڪونهي ته ڪو رڳو بادشاهن ۽ مهندارن جا نالا ياد ڪجن يا رڳو اهو ياد ڪجي ته انهن ڪهڙن ۽ ڪڏهين لڙائي هارائي يا کٽي. تواريخ پڙهڻ جو سچ پچ مطلب آهي ته اسان کي پوريءَ طرح خبر پوي ته هو ڪيئن رهندا هئا، ڇا ڇا ڪيائون ۽ سندن من ورتي ۽ خيالن جو رخ ڪهڙو هو؟ سندن ڏينهن ۾ دنيا ڪهڙي نموني ڦيرو کاڌو ۽ ڪيترو سڌارو يا واڌارو ڪيو. هنن ڪهڙي نموني حياتيءَ جي دکن ۽ سکن کي منهن ڏنو اهڙيءَ ريت هستيءَ جو اڀياس ڪرڻ سان اسين پنهنجي حياتيءَ ۽ ملڪ کي منهن ڏيڻ سکندا سين. خاص ڪري پراڇين اتهاس اڀياس ڪرڻ سان اسان کي پوريءَ ريت معلوم ٿيندو ته ڏينهون ڏينهن دنيا واڌاري جو رخ ورتو آهي ڪين بگاڙي جو. انساني سک ۽ سهنج منجهس وڌيل آهن ڪين گهٽيل. اسان

# مندر ۽ مهنت

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته ڪيئن انسان ذات پنجن فرقن ۾ ورهائجي ويئي. سڀني کان وڏو ڀاڱو ڀورهيتن يعني ڪڙمين ۽ ڪمين جوئي ٿيو. ڪڙمي زمين کيڙي ٻج ڀوکي ان پيدا ڪندا هئا. جي ڪڙمي اهو زمين کيڙڻ، ان ڀوکڻ ۽ لڻڻ جو ڪم نه ڪن ها ته جيڪر انسان ذات کي کاڌي لاءِ به پورو ان ڪونه ملي ها. تنهن ڪري سڀني کان وڌيڪ ڪارائتا ڪڙمي چئبا. ڪمي به ملڪ جي واڌاري لاءِ اهڙائي ڪمائتا آهن. پر جيڪي ماڻهو ڪرائتا، جن بنا جيڪر دنيا جو چرخوئي مشڪل هلي، تنجو نڪو ملهه، نڪو قدر! ڀورهيو ڪن هڪڙا، آباد ٿين ٻيا!

مون توکي ٻڌايو ته شروعات ۾ زمين تي سڀني جو هڪ جيتروئي حق هوندو هو. پر جڏهين مکي طاقت وارو ٿيو تڏهين سمجهائين ته ملڪ جو مالڪئي مان آهيان ۽ ڀورهيت سڀ منهنجائي غلام آهن. جيڪو ان پيدا ٿيندو هو تنهن مان به گهڻو حصو پاڻ باقي ٿورو ٿورو ٻين سڀني ۾ ورهائيندو هو. ڪيترا مندرن ۽ آڪاڻن وارا

لاءِ ڪين پنهنجي ، اندو ايمان سيڪاري؛ سندن ويچار شڪتي ماري ڇڏيندا هئا.

اڳين ڏينهن ۾ ته ڪن ڪن ملڪن ۾ بادشاهن جي بدران هونداڻي اهڙا پادري ۽ مهنت هئا. پر پوءِ بادشاهن پنهنجي جنگي طاقت سان کين هڪالي ڪڍيو ۽ پاڻ مالڪ بڻجي ويٺا. ڪن ڪن ملڪن ۾ ته وري خود بادشاهه پاڻ ئي پادري هوندو هو، جيئن ايجپٽ (مصر) جا فرعون. اهي فرعون به اڌ ديوتائون ته اڌ انسان ليکيا ويندا هئا موت کان پوءِ به ديوتائن سمان پوڄيا ويندا هئا.

# آريہ قوم جو هندستان ۾ اچڻ

پياري اندرا،

هيل تائين مون جيڪي بہ توکي ٻي پڌايو آهي سو سڀ پراچين سمي جي اوستا جو احوال هو، جنهن کي (Pre-historic times) يعني تاريخي زماني کان اڳ جا ڏينهن چون ٿا. انهن ڏينهن بابت ڪيتري قدر نہ اسين فقط مغزي ڏڪائي پيا هڻون. پوري سچي احوال جو ڪنهن کي بہ پتو ڪونهي. هاڻي اسين انهن ڏينهن کي ويجهو آيا آهيون جن کي (historic times) يعني تواريخي ڏينهن چون ٿا. هاڻي پهرين مان توکي هندستان جي تواريخ مان واقف ڪندس. اهو تہ مون توکي اڳيئي پڌايو آهي تہ هندستان تمام جهوني زماني ۾ بہ سڌريل هو. سندس واپار بہ سمنڊ جي رستي گهڻيئي ملڪن جهڙوڪ ايجپٽ، ميسو پوٽيميا وغيره سان هلندڙ هو. انهي وقت جنهن قوم هندستان ۾ بيٺڪ ڪئي سا هئي دروڙين قوم انهي قوم جا ماڻهو اڄ ڏينهن تائين بہ ڏکڻ هندوستان ۽ مدراس جي چوڌاري ڏسبا، دروڙين قوم تي آريہ قوم اٽر هندستان مان ڪاهہ ڪئي. آريہ قوم شروعات ۾ وچ ايشيا کان آئي ۽ پوءِ گهڻيئي هنڌن

کي ”برهم ورت“ ۽ افغانستان کي ”گندرا“ ڪري
ڪوٺيندا هئا. توکي ”مها ڀارت جي گنڌاري ياد آهي؟
اها سورهيه ناري به افغانستان جي هئي. هيئنر افغانستان
هندستان کان ڌار آهي پر تن ڏينهن گڏ هو. جڏهن
آريه لوڪ هيٺ هندستان جي ميدانن تي آيا جتي گنگا
۽ جمنا نديون هيون تڏهن سڄي اتر هندستان کي نالو
ڏنائون ”آريه ورت“. هنن به پنهنجي قومن وانگي ندين جي
ڪنارن تي پنهنجون بستيون ڪيون. توکي خبر
آهي ته ڪاشي، بنارس، پرياگ ۽ ٻيا گهڻيئي شهر
ندين جي ڪنارن تي اڏيل آهن.

خـتم شد

# ڀارت ۾ آريا ڪير هئا؟

آريا ڀارت ۾ پنج ڇهه هزار سال يا شايد اڃا به وڌيڪ عرصو اڳي آيا هوندا. جيتوڻيڪ اهي سڀئي گڏجي ڌنب تي ڪونه آيا هئا. لشڪرن پويان لشڪر، قبيلي جي پٺيان قبيلن ۽ خاندان جي پويان خاندان هوريان، هوريان سوين سالن وچ ۾ آيا هوندا. تصور ته ڪري ڏس ته وڏا وڏا قافلا پنهنجي گهرو ضرورتن جو سموريون شيون گاڏين يا جانورن تي لڏي سفر ڪري رهيا هوندا، هو هاڻوڪن سياحن وانگر ڪونه آيا هئا. هنن جي واپس ورڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه هو. هو هتي ئي رهڻ آيا هئا يا ورهي مري کپي وڃڻ لاءِ، جيئن سون پهرين ٻڌايو آهي ته انهن مان گهڻا اتر اولهه وارن جبلن تان چڙهي آيا هئا. پر شايد انهن مان ڪي سمنڊ رستي، پرشين گلف مان پڻ آيا هئا، جيڪي پنهنجي ننڍڙن جهازن رستي سنڌو دريا تائين به ويا هئا.

اهي آريا هئا ڪير؟ انهن جي لکيل ڪتابن مان ڏي سنڌن باري ۾ ججهي ڄاڻ ملي سگهي ٿي.

انهن مان ڪي ڪتاب جهڙوڪ 'ويد' دنيا ۾ جهوني ۾ جهونا ڪتاب ليکيا آهن. گمانُ آهي ته اهي

شروعات ۾ لکيا ڪونه ويا هئا. اهي فقط زباني طرح ياد ڪيا ويندا هئا. مٿي سُر ۾ ڳايا وڄايا ۽ بيان ڪيا ويندا هئا. اهي سنسڪرت ۾ اهڙا ته خوبصورت لفظن ۾ لکيل آهن، جن کي توهان ڳائي به سگهو ٿيون. اڄ به، جيڪڏهن ڪو ماڻهو، جنهن کي سنسڪرت اچي ٿي ۽ 'ويد' ياد اٿس، ۽ هو سُريلي آواز ۾ ڳائي ٿو ته ڏاڍو مزو ٿو اچي. هندو ويدن کي ته نهايت پاڪ پوتر ۽ مقدس ڪتاب ڪري ليکيندا آهن. پر 'ويد' لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ 'ويد' معنيٰ 'ڄاڻ'، ۽ ويدن منجهه، اها ڄاڻ ڪٺي ڪئي ويئي آهي، جيڪا ان دؤر جي سياڻن، ماڻهن جن کي، رشيز Rishis ۽ منيز munis چئبو هو، تن گڏ ڪئي هئي. انهن وٽ انهن ڏينهن ۾ ريلوي، تار گهر يا سئنيما گهر وغيره ڪونه هئا. پر اُن جو اهو مطلب به، ڪونهي ته ڪو هو، اڻ ڄاڻ هئا. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته اُن دؤر جا سياڻا ماڻهو، هاڻوڪي دؤر جي سياڻن ماڻهن کان وڌيڪ ڏاها هئا. پر توڙي جو هو سياڻا هئا يا نه: تنهن هوندي به هنن اهڙا ته بهتر ڪتاب لکيا، جن کي اڄ قدر جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. اها ڳالهه خود ان جو ثبوت آهي ته قديم دورن جا ماڻهو به ڪيتري قدر نه عظيم رهيا هوندا.

مون چيو ته: اهي ويد اول لکيل ڪونه هئا. اهي ياد ڪيا ويندا هئا ۽ هڪڙي پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ

تائين زباني طرح منتقل ٿيندا ويندا هئا. آهي ماڻهو جن اهي ايڏا وڏا ڪتاب ياد ڪيا، ڪي حيرت انگيز ياداشت جا مالڪ هوندا. اسان مان گهڻا سچا ڪتاب زباني ياد ڪري سگهن ٿا؟

جن ڏينهن ۾ ويد لکيا ويا هئا، انهيءَ دؤر کي ويدڪ دؤر چيو وڃي ٿو. پهريون 'ويد، رگ' ويد آهي. جيڪو سمورو گيتن، پڇنن ۽ ڳانن سان پريو پيو آهي؛ جيڪي آريا ان وقت ڳائيندا هئا. هو پڪ سان تمام صاف دل ماڻهو هوندا؛ اداس ۽ نراس نه پر خوشيءَ ۽ همت سان پريل، هو پنهنجي خوشيءَ جي اظهار لاءِ، خوبصورت گيت جوڙيندا هئا، ۽ انهن کي سندن خدائن جي پوڇا وقت ڳائيندا هئا. ڪين پنهنجو پاڻ تي ٻوڙي قوم تي تمام گهڻو فخر هوندو هو. ڏيءَ آريا لفظ جي معنيٰ آهي پلو يا سڌريل ماڻهو، آرين کي آزاديءَ سان به تمام گهڻي محبت هئي.

هو پنهنجي پونيئر جهڙا ڪانئير ڪونه هئا، جيڪي اڄ ڀارت ۾ رهن پيا جن ڌارين کان شاباش ۽ لالچ ملڻ تي، پنهنجي آزاديءَ کي به وساري ڇڏيو آهي. پراڻي دؤر جي آرين لاءِ بي عزتي ۽ غلاميءَ جي زندگيءَ کان موت وڌيڪ بهتر هو.

هو تمام بهادر ۽ ويڙهاڪ هوندا هئا. هو ٿوري گهڻي سائنس به ڄاڻندا هئا ۽ زراعت جا ته وڏا ماهر

هٿا. قدرتي طور تي هنن زراعت ۾ ڏاڍا وڏا واڌارا ڪيا ۽ هنن هر اُن شيءِ کي ترقي ڏني جيڪا زراعت ۾ ڪارائتي ثابت ٿِي ٿي. وڏن دريائن کين پاڻي ٿي ڏنو ۽ هنن وري انهن دريائن سان پيار ٿي ڪيو، کين پنهنجو بهترين دوست ٿي سمجهيو ۽ فائدو پهچائڻ ڪيو، کين پنهنجو بهترين دوست ٿي سمجهيو ۽ فائدو پهچائڻ وارو ذريعو ٿي تصور ڪيو. ڍڳي ۽ ڳئون زراعت ۾ ٿوڙي گهرو زندگي ۾ سندن تمام گهڻي مدد، ڪئي چاڪاڻ ته ڳئون کير ٿي ڏنو، جيڪو هنن لاءِ اڻ-ملهه خزانو هو. تنهن ڪري هو انهن جانورن جي ڏاڍي پرگهور ۽ سار-سنڀال ڪندا هٿا ۽ سندن ساراهه ۾ گيت ڳائيندا هٿا. تمام گهڻو پوءِ، ماڻهن، ڳئون جي اهميت جو اصل سبب وساري ڇڏيو ۽ اُن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون ۽ ان کي 'مقدس' سمجهڻ لڳا.

جيئن ته آرين کي پنهنجو پاڻ تي تمام گهڻو فخر هوندو هو، تنهن ڪري هو ڀارت ۾ ٻين رهواسين سان ملي وڃڻ کان ڏاڍو پاسو ڪندا هٿا. ان سبب ڪري هنن رلي ملي وڃڻ کان بچاءُ لاءِ قاعدا ۽ قانون جوڙيا ته جيئن ڪوبه آريو ٻئي ڪنهن (اڻ آريا) سان شادي نه ڪري سگهي. تمام گهڻو پوءِ، انهيءَ ڪارڻ، ذاتين کي جنم ڏنو، جيئن اڄڪلهه ڏسجي پيو. هاڻي ته اها ڳالهه مڪمل طور تي بيهوديءَ ڪُل جهڙي بنجي

چڪي آهي. ڪي ماڻهو نه رڳو ٻئي نسل جي ماڻهوءَ
کي هٿ لائڻ يا گڏ کائڻ کان به پاسو ٿا ڪن اهو به
چڱو جو هاڻ، اها عادت آهستي آهستي گهٽبي پئي وڃي.

# رامائڻ ۽ مها ڀارت

ڀارت ۾ ويدڪ دؤر ڪان پوءِ، جڏهن ويد لکيا ويا هئا، ايپڪ دؤر آيو. انهيءَ دؤر کي Epic Age دؤر ان ڪري چئبو وجي ٿو ڇاڪاڻ ته ٻه وڏا Epic ان وقت لکيا ويا هئا، جيڪي ڊگهن نظمن تي مشتمل آهن ۽ اسان کي آن وقت جي عظيم ماڻهن جون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿا. اهي ٻه ڪتاب رامائڻ ۽ مها ڀارت آهن جن جي توهان کي خبر آهي.

ايپڪ دؤر وچ ۾ آريا سڄي اتردين ڀارت ۾ پکڙجي ويا، ويندي 'ونڌيا' جبلن تائين وڃي پهتا. جيئن مون توهان کي ٻڌايو آهي ته اهو سمورو علائقو 'آريا ورتا' سڏجڻ لڳو. هن وقت جنهن پرڳڻي کي گڏيل علائقا United Provinces چئبو آهي، سو تڏهن 'مڌيا ديش' Madhyadesh يعني وچ وارو ملڪ سڏبو هو. بنگال تڏهن 'ونگا' vauga سڏبو هو.

هاڻي ڪجهڙي دلچسپ حقيقت ٻڌ، جنهن جي تو کي سڌ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڀارت جي نقشي تي نظر وجهندين ۽ سمجهندين ته آريا ورتا، ڪٿي تي سگهي ٿو، ته هماليه ۽ ونڌيا جبلن جي وچ ۾ توهان کي ڀهرين

تاريخ جي چنڊ جهڙي لڪير ڏسڻ ۾ ايندي. تنهنڪري آريا ورتا کي چنڊ جي زمين پڻ سڏيو ويندو هو. اندُو Indu معنيٰ چنڊ ۽ تنهنڪري آريا ورتا چنڊ جي زمين Indu - laud سڏبي هئي.

آريا پهريـن تاريخ جـي چنڊ جا ڏاڍا شوقين هئا. تنهن ڪري هو انهن سمورين جاين کي مقدس ڪري سمجهندا هئا، جيڪي چنڊ جي شڪل جهڙيون هونديون هيون. سندن گهڻا شهر بہ، چنڊ جي شڪل جا ٺهيل هئا جهڙوڪ، بنارس. مون کي تہ تعجب آهي تہ الهہ آباد ۾ گنگاندي بہ چنڊ جي شڪل ٺاهي ٿي.

راماڻ جي تہ توکي خبر آهي تـہ ان رام چندر ۽ سيتا جي ڪهاڻي ۽ انهن جي لنڪا يعني سليون، (هاڻ سري لنڪا) جي بادشاه ’راوڻ‘ سان جنگ جو قصو بيان ڪيل آهـي. اصلـي ڪهاڻـي والمڪي Valmiki جي سنسڪرت ۾ لکيل آهي. هاڻ تہ اهو قصو ڪيترا ڏـي ڀيرا ٻين ٻولين ۾ بہ اچي چڪو آهي. انهن سڀني ۾ مشهور ۽ خوبصورت اشاعت تلسيداس جـي هنديءَ ۾ لکت آهي جيڪا ’رام چريتا ماناس‘ Rama Charita Manas سڏجي ٿي.

راماڻ ۾ اسان کي پڌايل آهي تـہ ڏکڻ پارت ۾ رام جي مدد پولـڙن ڪئي هئي ۽ حنومان Hanuman پـولـڙن جـو عظيم هيرو هـو. اڏين تـي سگهي ٿـو تـہ راماڻ واري ڪهاڻي آرين جـي ڏکڻ جـي ماڻهن سان

جنگ جي سچي پچي ڪهاڻي هجي ۽ انهن ماڻهن جي اڳواڻي راوڻ ڪندو هجي.

راماڻ خوبصورت ڪهاڻين جو مجموعو آهي پر آءٌ انهيءَ جو حوالو هتي ڏيئي ڪونه ٿو سگهان. توهان پنهنجي منهن آهي ضرور پڙهجو.

مها ڀارت، راماڻ کان تمام گهڻو پوءِ آيو. اهو وڏيڪ وڏو ڪتاب آهي، اهو اسانکي آرين جي دراوڙن سان جنگ جي باري ۾ ڪونه ٿو ٻڌائي، پر اهو ڪتاب آرين جي آرين سان عظيم جنگ جي باري ۾ لکيل آهي، جي جنگ ڪي هڪ ڀاءُ رکي ڏسجي ته سچ ته اهو حيرت انگيز ڪتاب آهي جيڪو عظيم نظرين ۽ بهترين ڪهاڻين سان ڀريل آهي. سڀ کان وڌ ڳالهه ته اهو اسان سڀني لاءِ ان ڪري به مقدس آهي جو ان ۾ شاعري جو 'موتي نظم' Bhagavad Gita به موجود آهي.

اهي اٺئي ڀارت منجهه ٽيهه هزارين سال اڳ لکيل عظيم ڪتاب پر آهي ماڻهو ڪيڏا نه عظيم هوندا، جن اهي ڪتاب لکيا، جيتوڻيڪ اهي ڪتاب گهڻو اڳي جا لکيل آهن پر اهي ڀارت ۾ اڄ به نه رڳو موجود آهن پر هر وڏي تور، ٻار کي انهن ڪتابن جي اهميت جي چڱيءَ طرح سڌ آهي ۽ هر ماڻهوءَ انهن مان گهڻو ڪجهه پرايو آهي.

# سرسري نظر

چا منهنجا خط پڙهي پڙهي ٿڪجي ته نه پيا آهيو! منهنجي خيال ۾ ته توکي هاڻي تورو آرام ڪرڻ گهرجي. چڱو، آءٌ هاڻي توکي خط ۾ ڪا نئين ڳالهه ڪونه ٿو لکان. منهنجي مرضي آهي ته هيستائين اسان جيڪي ڪجهه پڙهي آيا آهيون، توهان اُن تي غور ڪريو. اسان چند خطن ۾ لکين سالن جو احوال سمويو ورتو آهي. شروعات اُتان ڪئي هئي سين ته، ڌرتي سج جو هڪڙو ذرڙو هئي ۽ پوءِ اسان ڏٺو ته اُها ڪيئن سج کان جدا ٿي آهستي آهستي ٿڌي ٿيندي ويئي، پوءِ جڏهن چندرما ڌرتيءَ کان ڇڄي ڌار ٿيو ته ڪيترن ئي جڳن تائين حياتي کانسواءِ هئي. پوءِ لکين ڪروڙين سالن تائين تمام هوريان هوريان حياتي وجود ۾ آئي توهين اندازو لڳائي سگهو ٿا ته هڪ ملين يعني ڏهن لک سالن ۾ ڪيترو وقت هوندو؟ توهان اڃا فقط ڏهن سالن جون مس آهيو. ڪيئن وڏيون ٿيون ۽ ڪيتريون وڏيون آهيو! ۽ پوءِ ٿينديون هڪ نوجوان عورت!

تنهنجي لاءِ هڪ صدي تمام ڏکوئيندڙ ڊگهو عرصو آهي. ۽ تنهن کان پوءِ هڪ هزار سال! تنهن کان پوءِ

هڪ ملين سالن جيڪو هزار سال جو هزار آهي. مون
کي ڊپ آهي تہ مٿان اسانجي ننڍڙن دماغن ۾ هيءَ
ڳالهہ چڱيءَ طرح سان نہ ويهي. اسانجي خيال ۾ اسان
ڪيترا اهم آهيون ۽ ننڍڙيون ڳالهيون بہ دل آزاري ۽
فڪرمنديءَ جو سبب بڻجن ٿيون. پر اهي ڪهڙا معمولي
واقعا آهن جيڪي ڊگهي تاريخ ۾ رونما ٿيا؟ تاريخ جي
انهن تمام ڊگهن دورن جي باري ۾ ڪجهہ پڙهڻ سکڻ
۾ مٿيون ڳالهہ اسان لاءِ فائديمند آهي. چاڪاڻ تہ تاريخ
پڙهڻ مهل اهي واقعا اسانجي لاءِ گهڻو فڪرمنديءَ
جو سبب ڪونہ بڻبا.

اچو تہ انهن هيبتناڪ شاهي دورن کي دهرايون،
جن وچ ۾ حياتي بلڪل ڪانہ هئي ۽ وري اهي دور
جڏهن فقط سمنڊن ۾ جانور هئا. ڌرتيءَ تي ڪٿي بہ
ٻهريائين ڪو ماڻهوئي ڪونہ هو. پوءِ جانور آيا جيڪي
چاليهہ لک سالن تائين اٿين گهمندا ڦرندا رهيا ۽ ڪين
ڪوبہ ماڻهو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪونہ هو. آخرڪار ماڻهو
اچي ٿو، جيڪو آهي تہ هڪڙو معمولي، ٻتڪڙو ۽
ننڍڙو ۽ سمورن جانورن ۾ ڪمزور پوءِ آهستي
آهستي هزارين سالن گذرڻ بعد وڃي طاقتور ٿو ٿئي
هوشيار ٿئي ٿو، ۽ پوءِ ڌرتيءَ تي رهندڙ مڙني جانورن جو
’آقا‘ ٿئي ٿو. ٻيا سمورا جانور هن جا نوڪر ۽ غلام
ٿي ٿا وڃن ۽ هن جي ڏي مرضيءَ موجب حڪم جي
تعميل ڪن ٿا.

تنهن کان پوءِ اسان تهذيبن جي نشونما تي اچون ٿا. اسان انهن جون شروعاتون ٿينديون ڏٺيون آهن. اسان اڳتي هلي انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اسان وٽ لکين سال عرصو ڪونهي جو انهن کي ويهي جانچون اسان جلد انهيءَ دور تائين پهچي ويا هئاسين جيڪو فقط چار يا پنج هزار سال اڳ تائين جو وقت هيو. پر اسان کي انهن ڇهن هزارن سالن جي باري ۾، بمقابل انهن لکين سالن جي پيٽ ۾ ڏاڍي گهڻي ڄاڻ آهي، جيڪي انهن کان اڳ ۾ گذري چڪا آهن. حقيقت ۾ تاريخ ۽ انسان نشونما انهن ڏي ڇهن هزارن سالن وچ ۾ ٿي آهي. تون جڏهن وڏي ٿينديءَ، تڏهن هن تاريخ جي باري تمام گهڻو ڪجهه پڙهنديءَ. آءٌ توکي تمام مختصر لکي، رکو اها ڳالهه ذهن ۾ آڻڻ چاهي ته هن جڳ ۾ ماڻهوءَ سان ڇا ڇا وهيو واپريو آهي.

ڀورو ٽيبو